# ڪينجهر

(٥)


سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي

١٩٩٣ع

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

# ٥

سرپرست اعليٰ

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي

نگران ايڊيٽر

**ڊاڪٽر قاضي خادم**

چيئرمن سنڌي شعبو


ايڊيٽوريل بورڊ

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. ميمبر

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ. ميمبر

هدايت پريم. ايڊيٽر



**سنڌ يونيورسٽي**

١٩٩٣ع

# ڪينجهر ٥

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي

---

هيءَ ڪتاب ڊاڪٽر قاضي خادم چيئرمن سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي،
سنڌي ادبي بورڊ پريس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| ١- پيش لفظ | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٤ |
| ٢- سيد ميران محمد شاھ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ٧ |
| ٣- سر سارنگ | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | ١٦ |
| ٤- گوبند مالهي | نور افروز خواجه | ٣٩ |
| ٥- مرزا قليچ بيگ سنڌ جو سپوٽ | سحر امداد | ٥٦ |
| ٦- ”ادبي اصول“جو اڀياس | عبدالقيوم صائب | ٧٤ |
| ٧- قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ | هدايت پريم | ١١٥ |
| ٨- پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مرزا | ڊاڪٽر قمرجهان مرزا | ١٢٨ |
| ٩- پي ايچ ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست | | ١٤٤ |
| ١٠- سنڌي شعبي جو حال احوال | | ١٥١ |

# پيش لفظ

سنڌي شعبي جو تازه ترين ريسرچ جرنل "ڪينجهر" توهان جي هٿن ۾ آهي. اصولي طرح ته هي جرنل هر سال نڪرڻ گهرجي ليڪن ڪن سببن جي ڪري هن دفعي هي جرنل ٻن سالن جي غير حاضريءَ کان پوءِ شايع ٿي سگهيو آهي.

ڪينجهر جي هن شماري ۾ سنڌي شعبي جي استادن سان گڏو گڏ ٻين سنڌي اسڪالرن جا مضمون پڻ ڏنل آهن. هيءَ هڪ اهم حقيقت آهي ته علم جتان به ملي سگهي، اتان حاصل ڪرڻ گهرجي اسان جي اها وڏي عرصي کان خواهش رهي آهي ته سنڌ جا ناميارا عالم، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ذهني ۽ فڪري ڪاوشن ۾، اسان جو ساٿ ڏين. هو پنهنجون صلاحون ۽ مشورا به ڏئي سگهن ٿا ۽ پنهنجين بيش بها لکڻين ذريعي، به هن مادر تعليمي اداري کي مالا مال ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري ئي اسان مختلف عالمن ۽ اديبن کي گذارش ڪريو، ڪانئن هن جرنل لاءِ تحقيقي مضمون لکارائيندا رهندا آهيون.

هن شماري ۾ جن استاد صاحبن جا مضمون شامل آهن. تن ۾:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جو مضمون
ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ صاحب جو مضمون
محترمه نور افروز خواجه جو مضمون
محترمه سحر امداد جو مضمون
محترم هدايت پريم جو مضمون
ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جو مضمون

۽ ان سان گڏ محترم عبدالقيوم صائب جو مضمون شامل آهي، هي سڀ مضمون تحقيقي ۽ تنقيدي نوعيت جا مضمون آهن ۽ هڪ طرف ادب جي مختلف موضاعات ۾ اضافو ڪن ٿا ته ٻئي طرف سنڌي شعبي ۾ بي - اي کان ايم - اي جي سطح تي جيڪي ڪتاب ۽ موضوع پڙهايا وڃن ٿا، تن جي باري ۾ به تفصيلي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڄاڻ ڏين ٿا.

ڪينجهر جو ايندڙ شمارو اسين شخصيات نمبر جي صورت ۾ پيش ڪرڻ ٿا چاهيون. جنهن ۾ سنڌ جي نامور ادبي ۽ علمي شخصيتن جي حياتيءَ جي احوال سان گڏ سندن هڪ هڪ چونڊ لکڻي به شايع ڪئي ويندي.

جيئن ته هي هڪ وڏو ڪم آهي ۽ اهم پڻ تنهنڪري سنڌ جي عالمن ۽ اديبن کي هن ڏس ۾ گذارش آهي ته هو پنهنجي خاص لکڻين جي باري ۾ اسان جي مدد ڪن. ان طرح اسين اهڙين ادبي ڪاوشن کي محفوظ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنداسين، جيڪي وقت جي دز ۾ لٽجي چڪيون آهن، ڇو جو اها سنڌي ادب جي وڏي بد قسمتي رهي آهي جو، ڪي املهه ۽ ناياب لکڻيون اهڙيون آهن، جيڪي هڪ دفعو ڇپجڻ کان پوءِ وري ڪڏهن شايع نه ٿي سگهيون ۽ هميشه لاءِ گم ٿي ويون. اهڙين ناياب لکڻين کي وري شايع ڪري نيست ۽ نابود ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو.

سنڌي ادب هميشه کان پنهنجي پڙهندڙن جي بي توجهيءَ جو شڪار رهيو آهي. ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي علمي ۽ ادبي ماحول جو ذڪر ڪجي ٿو ته حيرت ٿي ٿئي ته سنڌ ۾ ڪيتريون لائبريريون، ڪيتريون ادبي انجمنون ۽ سوسائٽيون، ڪيترا پبلشر ۽ ڪيترا ڇاپخانا هئا، اهي سڀ وقت جي گردش ۾ گم ٿي ويا. اهي سوين هزارين ڪتاب به گم ٿي ويا، اهي لائبريريون تباهه ٿي ويون، گم ٿي ويون ڇو انهن جو ڪو

۽ ڪو اهم ڪونهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبن جي تحقيقي جرنلن جي اشاعت جو ڪم هميشه لاءِ سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڪرائڻ لاءِ جوڳا انتظام ڪري ڏنا وڃن ته جيئن يونيورسٽيءَ جا تحقيقي جرنل باقاعدگيءَ سان نڪرندا رهن. ڇو جو هي جرنل يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن جي استادن جي ذهني ڪاوشن ۽ مختلف مضمونن ۽ موضوعن تي ٿيندڙ تحقيق کي عالمن، اديبن توڙي عام ماڻهن سان روشناس ڪرائين ٿا.

آئون سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جو به شڪرگذار آهيان، جنهن ادبي بورڊ طرفان هر قسم جي تعاون جو يقين ڏياريو ۽ هي شمارو ادبي بورڊ جي پرنٽنگ پريس مان شايع ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪيائون.

ان سان گڏ آئون سنڌي ادبي بورڊ جي پريس مئنيجر جناب جاويد مرزا جو به شڪرگذار آهيان، جنهن وڏي محنت سان ٿوري وقت ۾ هي ڪم مڪمل ڪري ڏنو.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم
چيئرمن
سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو سنڌ.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# سيد ميران محمد شاهه

هڪڙن ماڻهن جي شخصيت ۾ ايتري ڪشش هوندي آهي، جو سندن گذاري وڃڻ کان پوءِ به رڳو نالو ڪٿبو آهي، ته سندن زنده صورت اکين اڳيان ڦري ويندي آهي. سيد ميران محمد شاهه جي به اهڙي پرڪشش ۽ هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هئي. هو فقط هڪ زميندار ۽ سياستدان نه هو، پر هڪ اهل دل ماڻهو، دانشور، راڳ تي ريجهڻ وارو ۽ محفل جو مور ۽ باغبهار شخصيت جو مالڪ هو.

ميران محمد شاهه جو تعلق ٽياري سيدن جي منعمائي پاڙي سان هو. سندس والد جو نالو سيد زين العابدين شاهه هو. ميران محمد شاهه ١٩ - مارچ ١٨٩٨ع تي ٽکڙ ۾ ڄائو. هي ڳوٺ تعلقي ٽنڊي محمد خان (ضلعو حيدرآباد) ۾ آهي. ٽکڙ هڪ مردم خيز وسينءَ آهي. شاعر، دانشور ۽ عالم هن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا ۽ پنهنجي علم فضل ۽ علم دوستيءَ سبب نالو ڪڍي ويائون.

ميران محمد شاهه ابتدائي تعليم حافظ محمد يوسف ۽ حافظ محمد هارون وٽ ورتي. پرائمريءَ کان پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٢١ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ بي-اي، ايل-ايل-بي ڪري وڪالت جي پيشي جي ابتدا ڪيائين.

وڪالت ۽ سياست سندس سپنو هو، جيڪو آهستي آهستي پورو ٿيندو ويو. ان لاءِ هن مسلسل جدوجهد ڪئي. ان جدوجهد ۾ سندس بزرگن جون ڪيل دين ۽ علم و ادب لاءِ خدمتون مثال بڻيون.

ميران محمد شاهه جا خط جيڪي جناب جي-ايم سيد پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ”رهاڻ“ (١٩٦٥ع) ۾ ڏنا آهن. انهن مان ميران محمد شاهه جي سياسي، سماجي ۽ جذباتي زندگيءَ جا سڀ گوشا چٽا ٿين ٿا. سيد صاحب جي مٽ ۾ ٿي پاڻ سياست جي ڏکئي سفر مان اڪري پار پيو ۽ منزل ماڻيائين. سيد صاحب ڪتاب جي شروعات ۾ ميران محمد شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال به ڏي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته وقت جي دستور موجب ميران محمد شاهه سياست ۽ اقتدار جي منزل ڏي ويندڙ ڏاڪا نمبروار طئي ڪيا. لوڪل بورڊ ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ رهيو.

وڪالت جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ١٩٢٤ع ۾ من ۾ مذايل سادات ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. هيءَ شرڪت سندس سياست ۾ اچڻ جو پيش خيمو هئي. هڪ سال پوءِ ١٩٢٥ع ۾ حيدرآباد جي ميونسپل ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيو. ان سان گڏ لوڪل بورڊ، اسڪول بورڊ جو چيئرمن ٿيو. ١٩٢٨ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو ۽ ١٩٢٩ع ۾ حيدرآباد ضلعي لوڪلبورڊ جو ميمبر چونڊيو. هي عهدو ميران محمد شاهه لاءِ اهم عهدو هو. سنڌ جي جدائيءَ جي حق ۾ سائمن ڪميشن تي راءِ ڏنائين. سنڌ جي جدائيءَ کان پوءِ ١٩٣٧ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ١٩٣٨ع کان وٺي ١٩٤٦ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو

اسپيڪر رهيو. سنڌ سرڪار ۾ ١٩٥٢ع تائين وزير به رهيو. ١٩٥٢-١٩٥٣ع ۾ اسپين ۾ پاڪستان جو سفير رهيو ته مئڊرڊ ۾ به محفلون مچائيندو رهيو. ڪراچي امپرووومينٽ ٽرسٽ جو چيئرمن ٿيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر رهيو آن ڪان اڳ بورڊ جي پهرئين دور ۾ آن جو ١٩٤٠ع کان چيئرمن رهيو. بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري به رهيو. ميران محمد شاهه جو اهم ڪارنامو ڀٽ شاهه تي ادبي ڪانفرنس جي ١٩٣٢ع ۾ ابتدا ڪرڻ هو. ڀٽ شاهه ثقافتي ڪميٽيءَ جو روح روان، ميمبر، سيڪريٽري ۽ چيئرمن رهيو. ١٩٥٠ع ۾ جڏهن وزير هو تڏهن شاهي رستي کان ڀٽ شاهه تائين پڪو رستو ٺهرايائين. ڀٽ شاهه تي ادبي ڪانفرنس ۽ موسيقيءَ جي محفلن مچائڻ ۾ ميران محمد شاهه جو اهم ڪردار آهي. آن سان گڏ اهل فنڪارن کي اسٽيج ۽ ريڊيو تائين پهچڻ ۾ مدد ڏنائين.

سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جنهن ڪيترو علمي ڪم ڪيو ۽ ڪتاب شايع ڪيا، تنهن جو ميمبر رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف ادارن جو ميمبر ۽ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس به رهيو. انهن ادارو ۽ شخص هڪبئي لاءِ اعزاز بنجي ويا.

سيد ميران محمد شاهه جو سياسي ڪردار، وزير ٿيڻ، مختلف علمي ادبي ادارن، ثقافتي انجمن جو ميمبر ٿيڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي بيشڪ وڏي اهميت آهي، پر بحيثيت شخص جي هو هڪ وڏو ماڻهو ۽ دل وارو ماڻهو هو. ان ڳالهه جا آهي ماڻهو شاهد آهن، جيڪي سندس ويجهو رهيا.

جي ايم سيد سندس سياسي ساٿي رهيو ۽ اُن ساٿ ڪري
ٻئي قريب رهيا، ٻنهي جي لکپڙهه نهايت اهم آهي. اُن سان
ٻنهي اڪابرن جي دل جي دنيا ۽ سندن شخصيت جي پوري
پروڙ پوي ٿي. ڪتاب ”رهاڻ“ جي پيش لفظ مان ميران محمد
شاهه جي علمي ادبي زندگي ۽ سياسي زندگيءَ جا انيڪ اڪر
ملن ٿا. ڪتاب ۾ شامل خطن مان سندس سوچ جا ظاهر ظهور
نشان ملن ٿا. خطن ۾ هڪڙن نه رڳو جي ايم سيد ڏي روزمره
جي ڳالهين ۽ سير سفر توڙي سياست جي باريڪ نقطن جي
باري ۾ لکيو آهي، پر دل جا داستان ۽ مجلسي زندگيءَ جي
باري ۾ به خوب لکيو.

ابتدائي سياسي زندگيءَ جي دور ۾ هڪ خط ۾ سيد
صاحب کي لکي ٿو:

الهندو ڪچو حيدرآباد.

٨- جنوري ١٩٢٥ع

مون کي افسوس آهي ته پٽ شاهه تان اوهان ڪان
موڪلائڻ بعد احوال موڪلي نه سگهيو آهيان. ڳوٺ اچي
والد سان ڪائونسل ۾ بيهڻ جو ذڪر ڪيم، گشت جو احوال
ٻڌايم. هٿو شامل راءِ ٿيو. باقي محمد ڪامل شاهه جي چوڻ
لاءِ ڪو عمدو موقعو ڏسي ڳالهائي وٺندا هلندا سون. پوءِ جيڪا
صلاح ڏيني ان موجب ڪبو. مون کي والد هدايت ڪئي
آهي ته آبهرائي نه ڪريان موقعي تي سڀڪو ڪم ڪبو.
اوهان ان وچ ۾ مون لاءِ مائٽن ڪان وعدا وٺندا رهو منهنجي
حوصله افزائي ۽ ترقيءَ جا سرچشما اوهين آهيو. اُن ۾ خوشامد
نه آهي.( رهاڻ ص – ٢٠ )

سيد صاحب جي دوستي ۽ سياسي حمايت جو ذڪر ڪيترن ئي خطن ۾ ڪيو اٿس ۽ دوستيءَ جي باري ۾ ته هنڌ هنڌ انهن خيالن جو اظهار ڪيو اٿس ”مان گهڻو ملڪ گهميو آهيان. ڪيترن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون اٿم پر ڪو به سچو هم خيال، هم صفت موصوف دوست تو جهڙو ڪونه ڏنو اٿم. (رهاڻ ص – ٥٩)

ميران محمد شاهه اڪثر ضروري ميٽنگن ۾ شريڪ ٿين ۽ سير سفر لاءِ بمبئي، دهلي، پونا، ڪشمير ۽ ٻين هنڌن تي وقت بوقت ويو. آتان جو احوال هن خطن ۾ لکيو. سيد صاحب ڏي لکيل خطن ۾ اهو احوال کولي کولي لکيو. آن دلچسپ ۽ اڪثر جذباتي احوال کي ادبي چاشنيءَ، فارسي آميز زبان ۽ شعرن سان سينگاري لکيو. ڪن ڳالهين کي تفصيل سان لکڻ کان پوءِ اڪثر ايئن به لکيائين:

”هينئر رات جا ٻه وڳا آهن. تنهن ڪري هن داستان خارستان کي قلمبند ڪري اوهان جي حفاظت ۾ ڏيان ٿو. حقيقتن کي شاعرانه تخيل کان وڌيڪ اهميت نه ڏجو، متان حسرت حاصل ٿئي ۽ حفاظت سان رکجو، متان ڪو پڙهي ڪڙهي وڃي. (رهاڻ ص – ١٠٧).

اهو ان ڪري لکيائين جو خيال هوس ته دل جون ڳالهيون عام ڪرڻ لاءِ نه آهن. هو هندوستان جي سير سفر ۾ مختلف اهم شخصيتن سان مليو. وڏين وڏين دعوتن ۾ شريڪ ٿيو، رقص و سرود جي محفلن ۾ ويو. نجي محفلن ۾ ويجهن ۽ پيارن دوستن جي محدود حلقن ۾ ويٺو، اهڙين محبت وارين مجلسن جي روحاني ڪيف ۽ سرور کان مستفيض ٿيو. انهن

کي ويجهو رهيو انهن کي چاڻ آهي. جي ايم سيد سان ناتو هئس اُن جو ذڪر سيد صاحب ڪري ٿو. خانم طريقيءَ لاءِ لکي ٿو:

”آها عورت ڪيس غير معمولي نظر آئي“ (رهاڻ ص-٧)

ميران محمد شاهه هڪ منفرد انسان هو. هُو دائمي خوشي ۽ بي لوث دوستيءَ جو طالب هو. سيد صاحب اُن ڳالهه جو تجزيو ڪندي رهاڻ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

”هر حسين شڪل، خوبصورت نظاري، مٺي آواز ۽ عمدي ماحول مٿس اثر ڪيو ٿي، ۽ انهيءَ مان هن لطف ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي (رهاڻ - پيش لفظ ص ٢٥)

بقول سيد صاحب جي ته ميران محمد شاهه صاحب دل ۽ محبت جو متوالو هو ۽ سندس زندگيءَ جو فلسفو مهرو وفا تي بيٺل هو. هُن ڪائنات جي هر شي ۾ حسن کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي. (رهاڻ - پيش لفظ ص - ٢)

دنيا کي ڏسڻ لاءِ حسن جو جلوو پسيائين - يورپ جو به سير ڪيائين، سندس زندگيءَ جي دور جو محور سندس خوبصورت دل هئي. دل جي خوشي جو طالب هي آزاد مرد، دانشور، شاعر ۽ سياستدان ١٦ نومبر ١٩٦٣ع تي فاني جهان مان هليو ويو. سندس باري ۾ جناب غلام محمد گراميءَ جو هي رايو نهايت مڪمل ۽ ٺهڪندڙ آهي:

”ميران محمد شاهه هڪ فاضل، عالم، قانوندان، سياستدان، زمانہ شناس، سياح، اديب، شاعر، وڪيل، سفير ۽ وزير جي

حيثيت سان جنهن علم، مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جو مالڪ آهي، هيئنر سرزمين سنڌ ۾ اهڙا تمام ٿورا وڃي بچيا آهن.»
(ڪليات ميران ـ تمهيد ص ل)

ڪليات ميران سنڌس ڪافين، نظمن ۽ غزلن جو مجموعو آهي. ميران محمد شاهه جا ٻه مضمون دل جي طلب ۽ گنجي نڪر جو سير نہ رڳو مشهور ٿيا پر درسي ڪتابن ۾ رهندا اچن ٿا. ائين سنڌس ڪتاب شاعرن جي ڪلام جو انتخاب "گلزار خيال" ٻہ درسي ڪتاب هو.

ڪليات ميران مان هڪ ڪافي ڏيندي پنهنجو مختصر مقالو ختم ڪريان ٿو ـ ع

ٿلهہ: مون کي سڙڪ چڪائي ڪا ساقي،
برهہ بيمار ڪيس مان بلڪل.

تير تفنگي تيز سان ترٽئون، ترڪ ڪئي منهنجي تاڪي،
روز اکين مان برسن بادل.

سال رڪي تولاءِ سڄڻان ٿيڙا، فاقا ڪڍي ٿيس فاقي،
جيئن بستان بنا ڪا بلبل.

پير پري اچ اگهن اسان جي، ڪر پلاڻي ڪا باقي،
پوءِ ميران شاهہ ٿيندو گل گل.

مون هي مقالو لکڻ وقت ٻن ڪتابن (رهاڻ) مرتب: جي-ايم سيد ناشر سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹٦۵ع ۽ (ڪليات ميران) مرتب: غلام رسول شاهہ سوز، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۱۹٦۰ع مان مدد ورتي آهي.

(ڪليات جي ڇپيل ڪاپي جيڪا سنڌالاجيءَ جي لئبريريءَ ۾ آهي، ان جي ابتدائي صفحن ۾ يار محمد جي صحيح سان هيٺن لکيل آهي، ولادت ١٩-مارچ ١٨٩٨ع، وفات ١٦-نومبر ١٩٦٣ع ڇنڇر ۾ ٻجي حيدرآباد بنگلو ۾ عمر جو حساب لڳائي ٦٥ سال ٧ مهينا ۾ ٢٧-ڏينهن لکيل آهي. ڪتاب جي پٺيان سائين ميران محمد شاهہ جي پنهنجي انگريزي صحيح سان اها ڪاپي تحفي طور ڏنل آهي.)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

# سر سارنگ

وچون وسڻ آئيون، سارنگ سينگاري،
آڇيا لڙڪ لطيف جي، پسلر پياري،
وچڙين واري، ڪٺي ڪعبي تي ڪر نائيا.

ولسوف يعطيڪ ربڪ، توسين قادر ڪيا قرار،
قادر پاڻ قسم ڪيا، خاڪ قدمن جا ڪلتار،
آهن ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ اپار.

سر سارنگ جو ظاهري مطلب ۽ روحاني راز ڇا آهي تنهنجو مختصر بيان هي آهي ته:

هر ملڪ ۾ برسات نه پوڻ ڪري، اتي جي زمين، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، جانور ۽ بين ساهوارن جي حالت بلڪل خراب ٿي ويندي آهي، زمين سڪي ٺڪر ٿي ويندي آهي، گاه سڙي ختم ٿي ويندا آهن، پکي پکڻ، جانور پر هر ساه وارو پاڻي جي لاءِ ترسڻ لڳندو آهي ۽ هر چيز جو ذڪر پٺجي ويندو آهي. پر جيئن الله جي رحمت ايرندي آهي ڪڪر چڙهندا آهن، ٿڌي هوا لڳندي آهي، ته هر ساهه وارو برسات جا گيت آلاپيندو نظر ايندو آهي. جيئن ئي برسات پئي ٿي، گاه، ڏڌ، مکڻ، آن، وغيره جام ٿيو وڃي، پکي پکڻ، جانور، وڻ ٽڻ هر ساهه وارو سائو ستابو، خوش ۽ مست نظر ايندو آهي. ذڪر ڏور هليو ويندو آهي. الله جي مهر مينهن جي ڪري هر طرف نظر

ايندي آهي. جيئن شاهه سائين برسات ته پوڻ جو منظر بيان ڪندي فرمائي ٿو:

سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهيون،
آڙيون آبر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمنڊ ۾، نئي سج نهارين،
ٻلر پيارين، ته سنگهارن سک ٿيي.

وري جڏهن برسات پوي ٿي ملڪ سائو ستابو ٿئي ٿو، تڏهن منظر وري هن ريت ٿو چٽي:

ٻر وٺا، ٿر وٺا، وٺيون ترايون،
ٻره جو ٻڻ تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ ٻرين مٽڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامهيون ٻولايون رايون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، ٻکي سهن ٻاهجي.

سر سارنگ جي روحاني راز کي بيان ڪندي غلام محمد شهوائي شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو ته:

”ساڳئي ريت اسلام کان اڳ عربستان جي حالت بلڪل خراب هئي، مگر اسلام کان پوءِ اتي جون حالتون ائين ڦريون، جيئن برسات کان پوءِ ملڪان ملڪ ڦرنديون آهن. اسلام جو لشڪر اسلام جي تبليغ ۽ قانون الاهي جي رائج ڪرڻ لاءِ ملڪن ۾ پکڙجي ويو ۽ پنهنجي رحمت جا ڪڪر ساري دنيا مٿان وسايا“. (١)

---

(١) غلام محمد شهوائي، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻهريون، حيدرآباد ص ٩٥٣.

جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي:

مڪي مسٿان موٽيون، الٽيون تي عرفات،
روضي پاڪ رسول جي رنگ ڪيائون رات،
وڃڙيون پريات، موٽي مصر آئيون.

اهڙيءَ ريت هن سر ۾ هڪ طرف سارنگ جي مند جي سکن ۽ آسودگين ۽ ڏکن ڀنيان سکن جو ذڪر آهي تہ ٻئي طرف الاهي رحمت ۽ مهر جي جنبش ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيل آهي. جيئن مينهن جي مند کان اڳي خشڪسالي واري حالت هوندي آهي، جنهن ڪري انسان، جانور، پکي ۽ پکڻ تہ ٺهيو، پر سمنڊ ۾ سپون بہ ابر جي آسري ۽ اوسيئڙي تي هونديون آهن، ڇو تہ سج جي انتهائي گرمي ڪري زمين تپي باهہ ٿيو وڃي، ڦٽل گاهہ سڙيو ڪک ٿيو وڃن، وڻن ٽڻن جا پن گرمي جي تپش ڪري ڪکورجي پيلا ٿيو وڃن ۽ اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪڪر آسمان تي ڇانئيو، ٿڌڙي هير جانورن، پکي پکڻ جي جسم کي فرحت ڏني ۽ زمين تي الاهي رحمت جي وس ٿي ۽ وسڪارو ٿيو تہ هر هنڌ کان خوشي ۽ ٻهڪار واچوڙي وانگر ور وڪڙ ڪري اڀري نروار ٿئي ٿي. نہ رڳو ايترو پر انسان، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، جانور، جيت خوشي ۽ شادماني وچان رب جي رحمتن جا راز الاپڻ شروع ڪريو ڏين. شاهہ صاحب انهيءَ حالت کي اسلام جي آمد کان اڳي ۽ پوءِ جي دنيا جي حالتن کي پيش ڪيو آهي تہ اسلام کان اڳي دنيا ۾ جيڪا جهالت ۽ اونداهي هئي، اسلام جي اچڻ کان پوءِ جيڪا خوشي ۽ سڌارو آيو، اها الله جي رحمت هئي انهي رب جي راز کي، محبوب جي مهر ۽ رحمت کي روحاني راز ۾ پيش ڪيو آهي.

سر سارنگ ۾ هڪ طرف سارنگ جي ظاهري ڏيک ۽ نظارن کي نروار ڪيو ويو آهي تہ ٻئي طرف اسلام جي آمد، دنيا ۾

نظارا نروار ڪري ٿي، تڏهن ڇا ٿو نظر اچي تنهن جو ذڪر ڪندي شاهه هن منظر کي پيش ٿو ڪري:

آڳم ڪيا الله لڳي پس، لطيف چئي،
ٻلر جي ٻالوٽ سين، ٻٽن جهليا ٻاهه،
واحد جي وڏائي ڪيا، مٿي ڳسن ڳاهه،
سانگين وريا ساهه، آلن آب اڳوندرو.

شاهه مٿين بيتن ۾ سارنگ جي موسم جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف برسات جي نه پوڻ، زمين جي خراب حالت ۽ ڏُڪر ۽ ڏکن جو ته ٻئي طرف وري برسات پوڻ ڪري جيڪا سک ۽ خوشي اچي ٿي، تنهن کي ظاهر ڪيو آهي. پر باطن ۾ شاهه جو جيڪو روحاني راز آهي، سو آهي، اسلام کان اڳي دنيا جي حالت. اسلام کان پوءِ دنيا جي جهالت ۽ ڪفر جو خاتمو ۽ انسانيت ۾ جيڪا الله جي رحمت سان تبديلي آئي تنهن جو ذڪر، چو ته اسلام کان اڳي دنيا ۾ جهالت، ڪفر، ناانصافي، ظلم انتها تي پهچي چڪو هو. انسانيت تباهه ٿي چڪي هئي. الله جي جڏهن رحمت ٿي، اسلام آيو، دنيا جون حالتون بدليون، ملڪ ۾ سک ۽ آرام آيو، انسانيت کي فروغ مليو، الله جي رحمت جي ڪڪر ٻالوٽ ڪئي، تڏهن دنيا جو رنگ بدلجي ويو. انهيءَ جو ذڪر شاهه هن ريت ڪيو آهي:

روضي تان رسول جي، ڪئو وڄڙين وارو،
پرياڻون پير ڀئي، نظر سين نارو،
هادي، ٻر حڪم سين، هي تڙ تا سيارو،
نرمل نظارو، ڀي پسايو پاهجو.

وري چوي ٿو ته:

هي پسايو پاهجو، نظارو ناگاه،
لٿو ڪٽ قلوب تان ٿي وروهڻ واه،
آميدون ارواح، پي پسندي پنيون.

جهالت کي اسلام ختم ڪيو، تنهن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

مند ٿي، منڊل منڊيا، آيو جهڙ جهاڻي،
هڪ آرزان ان ٿيو، پيو مکڻ منجهه ماڻي،
ڪلمي سين ڪاڻي، لاٿم ڪس قلوب تان.

شاه جي سر سارنگ ۾ ڏنل سپ وايون شاه جي روحاني رازن کي ظاهر ڪن ٿيون. نه رڳو سر سارنگ ۾ پر هر سر جي آخر ۾ ڏنل واين جو جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته ثابت ٿيندو ته شاه جي ڪلام جو روحاني مقصد جيڪو سر ۾ بيان ٿيل آهي، اهو صاف ظاهر نظر ايندو. هن سر ۾ جيڪي به وايون آهن سي هي آهن:

پهرئين داستان جي وائي جي پهرئين سٽ آهي ته:
مهجي سيد سار لهندو، مون کي آه آميد الله ۾.

هن وائي ۾ رسول ڪريم جن جي ساراه ۽ ثنا ڪيل آهي ۽ کين انسان ذات لاءِ رحمت ظاهر ڪيو آهي.

ٻئي داستان جي وائي آهي:

ڪر در ڪامي پڇي، آئون ويندي در دوستن جي.
هن ۾ شاه رسول ڪريم جن جي لاءِ سڪ ظاهر ڪئي آهي.

ٽئين داستان جي وائي آهي:

اکيون ميگهه ملار، صورت تهجي سڀ جڳ موهيو.
سجدو فيل في الحال ڪيو، پسي مطلب نور نراڙ.

هن ۾ به رسول ڪريم جن جي ساراهه ثنا ۽ سندن الله در سان مرتبو ۽ متائن الله جي رحمت جو ذڪر ڪيل آهي.

چوٿين داستان ۾ آهي:

پکي آهه پرين تون، لهه مهجي سيد سار،
آئي مند ملار.

هن وائي جو به مطلب ظاهر ٿو ڪري ته هي سر شاه ڪهڙي مقصد لاءِ چيو آهي.

وڌيڪ انهن واين جو ذڪر اڳتي تفصيل سان ڪريون ٿا. سر سارنگ جي داستان ٽئين جي وائي جي تشريح هيٺ تفصيل سان پيش ڪريون ٿا:

وائي هي آهي:

اکيون ميگهه ملار، صورت تهجي سڀ جڳ موهيو.
سجدو فيل في الحال ڪيو، پسي مطلب نور نراڙ.
جاهن وقت جام جي، ڪريا ڪنگر ڪوٽ ڪفار.

صورت......

آگي سڀ آيس جو، توکي ڪاريو سير ستار.
ولسوف يعطيڪ ربڪ، تومين قادر ڪيا قرار.
قادر پناڻ قسم ڪيا، خاڪ قدمن جا ڪلتار.

صورت.......

آهن ڪرم ڪريم جا، احمد سان آپار.
صورت .......
آڪنڊيا جي ابرڪي، سرها ٿيا سي سنگهار.
صورت .......
موڪل ٿي مينهن کي دوس هٿان دلدار.
صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو...

هن وائي ۾ سورة ”والضحيٰ“ جي هڪ آيت حوالي طور شاهه ڏني آهي، تنهنڪري سورة والضحيٰ جي تصوف جي حوالي سان وائي جي تفصيلي معنيٰ پيش ڪجي ٿي.

هن وائي ۾ شاهه سائين سورة ”والضحيٰ“ جي هڪ آيت ”والسوف يعطيک ربک“ ڏني آهي، جنهن جي قرآني معنيٰ آهي ته ”عنقريب تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو، جو تون خوش ٿي ويندين“.

انهيءَ سان الله تعاليٰ جو پاڻ ڪرڻ سان اقرار ظاهر ٿئي ٿو، جنهن بابت شاهه چوي ٿو:

”توسين قادر ڪيا قرار“، قادر پاڻ قسم ڪيا،
آهن ڪرم ڪريم جا احمد سان آپار“.

انهن سٽن ۾ شاهه سورة ”والضحيٰ“ جي تفسير ڪي بيان ڪيو آهي. سورة والضحيٰ جي معنيٰ سمجهڻ کان اڳ بهتر آهي ته انهيءَ سورة جي نزول جي مقصد کي سمجهون ته جيئن وائي جو مقصد ۽ سورة جي معنيٰ جي هڪ جهڙائي کي سمجهي سگهجي.

هن سورة جو موضوع رسول الله صلی الله عليه وسلم جن
کي تسلي ڏيڻ هو. مقصد سندن پريشاني کي ختم ڪرڻ هو،
جيڪا نزول وحي جي سلسلي رڪجي وڃڻ سان کين لاحق
ٿي ويئي هئي، تنهن ڪري هن سورة ۾ سڀ کان پهريائين
روز روشن ۽ سکون شب جو قسم کائي کين اطمينان ڏياريو ويو
تہ توهان جي رب توهان کي هرگز نہ ڇڏيو آهي ۽ نہ هو
توهان کان ناراض ٿيو آهي، انهي کان پوءِ کين خوشخبري
ڏني ويئي تہ دعوت اسلام جي ابتدائي دؤر ۾ جن شديد مشڪلاتن
سان سندن واسطو پيو پئي اها ٿورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي،
توهان لاءِ هر بعد جو دؤر، پهرئين دؤر کان بهتر ٿيندو ويندو.
ڪجهہ وڏيڪ ڏينهن نہ گذرندا جو الله تعاليٰ توهان تي پنهنجي
عطا بخشش جي اهڙي بارش ڪندو جنهن سان توهين خوش
ٿي ويندا. قرآن شريف جي هن سورة ۾ انهن صحيح پيشنگوين
مان هڪ آهي، جيڪي پوءِ حرف بہ حرف پوريون ٿيون. انهي
کان پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صلي الله عليه وسلم کي
فرمايو تہ توکي اها پريشاني ڪيئن لاحق ٿي تہ مون
توکي ڇڏي ڏنو ۽ آئون توکان ناراض ٿي ويو آهيان.
آئون تہ تنهنجي روز پيدائش کان مسلسل توتي مهربانيون
ڪندو اچان ٿو ۽ تون يتيم پيدا ٿئين، مون تنهنجي پرورش ۽
خبر گيري جو بهترين انتظام ڪري ڇڏيو. تون ناواقف راه هئين
مون توکي رستو ڏيکاريو، تون نادار هئين مون توکي مالدار
بنايو. اهي سڀ ڳالهيون صاف ٻڌيئن ٿيون تہ تون ابتدا کان
وٺي منهنجو منظور نظر آهين ۽ منهنجو فضل ڪرم مستقل طور
تي توسان شامل حال آهي.

آخر ۾ الله تعاليٰ نبي صلي الله عليه وسلم کي ٻڌايو تہ جيڪي احسان مون توتي ڪيا آهن، انهي جي جواب ۾ خلق خدا سان تنهنجو ڪهڙو برتاؤ هئڻ گهرجي ۽ اسان جي نعمتن جو شڪر توهان کي ڪهڙي طرح ادا ڪرڻ گهرجي.

هاڻ هيٺ سورة "والضحيٰ" جي لفظي معنيٰ ڏيون ٿا:*

بسم الله الرحمان الرحيم

١- والضحيٰ: قسم آهي روز روشن جو.

٢- والليل اذا سجيٰ: رات جي جڏهن هو سڪون سان طاري ٿيو وڃي.

٣- ما ودعڪ ربڪ و ماقليٰ: اي نبي تنهنجي رب توکي هرگز نہ ڇڏيو ۽ نہ ڪڏهن ناراض ٿيو.

٤- وللاخرة خيرٌ لڪ من الاوليٰ: يقينن تنهنجو دؤر پهرئين دؤر کان بهتر آهي.

٥- ولسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ: ۽ عنقريب تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون خوش ٿي ويندين.

٦- الم يجدڪ يتيماً فاويٰ: ڇا هن توکي يتيم نہ پاتو ۽ پوءِ جاءِ ڏني.

٧- و وجدڪ ضالاً فهداي: ۽ توکي ناواقف راه پاتو ۽ پوءِ هدايت بخشي.

٨- و وجدڪ عائلاً فاغنيٰ: ۽ توکي نادار پاتو ۽ وري مالدار ڪيو.

---

*سورة والضحيٰ جي معنيٰ ۽ نزول ۽ مقصد مولانا مودودي جي لکيل تفهيم القرآن تان ورتل آهي.

جهالت ختم ٿيڻ لڳي، ۽ الله جي حضور ۾ سندن ايتري اهميت ٿي، جو ڪين سڀني نبين جو سردار بنايو ويو ۽ ڪين اهو شرف بخشيو جو ستن آسمانن جو سير ڪرايو ۽ هر آسمان جي حقيقت کان ڪين آگاهي ڏني ۽ معراج وقت ڪين الله جو ديدار نصيب ٿيو ۽ اهو اقرار اهو هو، جيڪو هن کان اڳي يعني معراج کان اڳي ”والضحیٰ“ سورة ۾ ڪيو ويو هو، يعني ”سگهوئي تنهنجو رب توکي عطا ڪندو، راضي رکندو“ يعني اهو واعدو جيڪو ابتدا ۾ وحي جي آمد جي وقت بند ٿيڻ وقت (جو مصلحتن ڪجهه وقت لاءِ بند ٿيو هو) ڪيو ويو هو.

اها مصلحت ڇا هئي ۽ انهن جي اهميت ڇا هئي، انهي لاءِ چيو ويو آهي. ”روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪجهه مدت لاءِ وحي جي نزول جو سلسلو رسول ڪريم جن تي بند ٿي ويو، جنهن کان حضور جن کي سخت پريشاني ٿي ۽ بار بار ڪين اهو انديشو لاحق ٿيڻ لڳو ته ڪٿي مون کان ڪو قصور ته نه ٿيو آهي، جنهنڪري منهنجو رب مون کان ناراض ٿي ويو آهي (الله جي رحمت جو نه ٿيڻ) ۽ مون کي ڇڏي ڏنو آهي. انهن تي ڪين اطمينان ڏيارڻ لاءِ ته وحي جي نزول جو سلسلو ناراضگي جي بنا تي نه روڪيو ويو آهي، بلڪ انهيءَ ۾ اهائي مصلحت ڪارفرما آهي، جيڪا روز روشن کان پوءِ رات جي سڪون طاري ڪرڻ ۾ ڪارفرما هوندي آهي، يعني وحي جي تيز روشني اگر توهان تي برابر پوندي رهي ها ته توهان جا اعصاب انهن کي برداشت نه ڪري سگهن ها، انهي لاءِ وچ ۾ وقفو ڏنو ويو، تاڪ توهان کي سڪون ملي سگهي ۽ توهان ۾ وحي جي نزول وقت انهي جي روشني کي برداشت ڪرڻ جي قوت

پيدا ٿي وڃي ۽ اها ڪيفيت حضور تي نبوت جي ابتدائي دور ۾ ٿيندي هئي ۽ جڏهن اچا ڪين وحي جي نزول جي شدت برداشت ڪرڻ جي عادت نہ ٿي هئي، انهي ڪري وچ ۾ وقفو ڏيڻ ضروري هوندو هو ۽ بعد ۾ جڏهن حضور جن ڪي اندر ۾ انهي بار کي برداشت ڪرڻ جو تحمل پيدا ٿي ويو تہ پوءِ طويل وقفہ ڏيڻ جي ضرورت نہ رهي.

انهي پوري مقصد ۽ معنيٰ کي شاهہ سائين هنن لفظن ۾ ادا ڪيو آهي.

سورة والضحيٰ جي پهرين ٻن آيتن جو مطلب آهي تہ:
والضحيٰ: قسم آهي روز روشن جو.
والليل اذاسجيٰ: ۽ رات جي جڏهن سڪون سان طاري ٿيو وڃي.

هنن ٻن آيتن ۾ الله تعاليٰ رسول ڪريم جن کي روز روشن ۽ سڪون شب جو قسم کائي ڪين اطمينان ڏياريو تہ توهان پريشان نہ ٿيو، توهان جي رب توهان کي هرگز نہ ڇڏيو آهي.

انهي ٻن آيتن کي شاهہ هن ريت ادا ڪيو آهي.

قادر پاڻ قسم ڪيا، خاڪ قدمن جا ڪڏار

ٽئين آيت آهي تہ:

"ماودعڪ ربڪ وما قليٰ"

"اي نبي! تنهنجي رب توکي هرگز نہ ڇڏيو ۽ نہ ڪڏهن ناراض ٿيو."

شاهہ انهي آيت کي هن ريت ادا ڪيو آهي.

آ ڪرم ڪريم جا، احمد سان اپار.

چوٿين آيت آهي تہ:

وَالاَخِيرَةُ خَيرٌ لَّكَ مِنَ الاُولَيٰ

يقينن تنهنجو دور پهرئين دور کان بهتر آهي.

شاهه انهي کي هن ريت ادا ڪيو آهي:

پاڇاڙيان پسي، سو اڳاڙيان اڳرو،
چکس سڀ چئي، تڏ سولي سيه وساياه

پنجين آيت آهي ته:

وَلَسَوفَ يُعطِيكَ رَبُّكَ فَتَرضَيٰ.

۽ عنقريب تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون خوش ٿي ويندين.

اهو واعدو هو رب جو رسول ڪريم جن سان اطمينان ڏيڻ لاءِ جنهن تي رسول ڪريم جن کي اطمينان آيو.

شاهه انهي کي هن ريت ادا ڪيو آهي:

اَکنديا جي آبر کي، سرها ٿيا سي سنگهار

۽ وري جڏهن وحي جي نزول جو سلسلو شروع ٿيو ۽ لڳاتار هليو تنهن کي شاهه هن ريت ادا ڪيو آهي:

موڪل ٿي مينهن کي دوس مٿان دلدار.

اهڙي ريت شاهه سائين "والضحيٰ" سورة جي معنيٰ ۽ مقصد کي رسول ڪريم صه جي جمڻ، ڪفر جي خاتمي ۽ سندن شان مرتبي کي هن سر ۾ جامع ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جو رسول ڪريم جن سان واعدو سندن عنايتن ۽ مهربانين ۽ رحمتن جو ذڪر اسلام جو دنيا تي پکڙجڻ ۽ رسول ڪريم جن وحي جي روڪجڻ جو انديشو لاحق هو، جنهن جو ختم ٿيڻ بيان ٿيل آهي، ۽ الله جي طرفان وحي جو سلسلو وري لڳاتار شروع ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. باقي آيتون

الله جي رسول ڪريم جن تي رحمتن ۽ عنايتن ۽ الله جي طرفان رسول ڪريم جن کي هدايتن جي ذڪر ۾ بيان ٿيل آهن، سي هي آهن جن جو ٻه شاهه سائين پوري سر سارنگ ۾ ڪٿي نه ڪٿي مطلب ادا ڪيو آهي. جيڪي باقي آيتون آهن سي هي آهن:

آيت ڇهين آهي ته:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيمًا فَاوٰى.

ڇا هن توکي يتيم نه ڏٺو ۽ پوءِ جاءِ ڏني

آيت ستين:

وَ وَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدٰى .

۽ توکي نا واقف راهه ڏٺو ۽ پوءِ هدايت بخشي.

آيت اٺين:

وَ وَجَدَكَ عَائِلًا فَاَغْنٰى.

۽ توکي نادار ڏٺو ۽ وري مالدار ڪيو.

آيت نائين:

فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ.

لهذا يتيم تي سختي نه ڪر.

آيت ڏهين:

وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ

سائل کي نه جهڻڪ.

آيت ٻارهين:

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ

۽ پنهنجي رب جي نعمتن جو اظهار ڪر.

انهي آيتن لاءِ شاهه تمام مختصر طور سر سارنگ ۾ بيت چيا آهن جيڪي انهن آيتن جو مطلب ادا ڪن ٿا. اهي بيت آهن:

ڏڪاريا ڏيهن مان، ڪل موذي سڀ مرن،
اٿو اوهيڙا ڪري، عاشق مٿي اڄ،
ڏور ڏڪاريا پڄ، سينهن منهه ڏيکاريو.

اهڙي ريت شاهه سائين "سورة والضحيٰ" جي معنيٰ بڌائيندي هدايت ٿو ڪري ته انسان کي گهرجي ته الله تعاليٰ جي رحمتن ۽ نعمتن جو شڪر ادا ڪري، ۽ جيئن الله پنهنجي نبيءِڪريم کي بيسهارو نه ڇڏيو ۽ هر وقت سندن مدد ڪئي تيئن هر مسلمان جي رب سائين مدد ڪندو رهي ٿو، اهو رکو انسان کي وهم آهي، الله تعاليٰ پنهنجي بندي کي وساري نه ٿو ۽ رب هر انسان کي هر شيءِ کان ويجهو آهي هو ڪڏهين به پنهنجي بندن کان ناراض نه آهي ۽ سندس نعمتون ۽ رحمتون هر وقت انسان تي قائم ۽ دائم رهن ٿيون. هن سوره ۾ جيڪا خاص هدايت آهي ته يتيمن تي سختي نه ڪريو ۽ سائل کي جهڙڪيو نه. يعني ڏڪاريا ۽ موذي نه ٿيو ڇو ته سخاوت الله جي رحمتن جي هڪ صفت آهي ۽ جيئن الله پنهنجي زمين مان توهان کي ڏيئي ٿو تيئن توهين به الله جي مخلوق تي الله جي ڏنل رحمتن مان ڏيو ۽ الله جي مينهن وانگر وسندڙ نعمتن وانگر توهين وسو.

تصوف جي لحاظ کان سر سارنگ ۾ شاهه صوفين جي ٻن حالتن يعني قبض ۽ بسط کي پيش ٿو ڪري ۽ انهي بابت

سمجهائي ڏني ته ۽ قبض جي حالت ۾ سالڪ کي ڪڏهن
الله مان نااميد نه ٿيڻ گهرجي ڇو ته الله تعاليٰ جون رحمتون
انسان تان يا سالڪ تان مصلحتن ڪري رڪجي وينديون آهن
تنهنڪري الله جي طرفان ٿيندڙ مشاهدا بند ٿي وڃن تا ۽
انهن مان سالڪ کي مايوس ٿيڻ نه گهرجي نه الله جي رحمتن
کان نااميد ٿيڻ گهرجي ۽ هميشه الله جي نعمتن ۽ رحمتن
جو شڪر ادا ڪندو رهي، ڇو ته هو رحيم ۽ ڪريم ۽ رحمان
آهي، جيڪو پنهنجي رحمتن کان انسان کي نااميد نه
ٿو ڪري.

جيئن ته سالڪ هميشه بسط قبض جي ڪيفيتن سان
گذرندو رهي ٿو يعني ڪڏهن هن کي الله جي طرفان مشاهدا
ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن بند ٿي ويندا آهن ۽ بند ٿيڻ جي حالت
۾ ڪڏهن ڪافي وقفو پئجي ويندو آهي، جنهنڪري سالڪ
کي شڪ ۽ وسوسا پيدا ٿيندا آهن ته ڪٿي رب سائين ڪنهن
ڪوتاهي ڪري مشاهدا بند ته نه ڪيا آهن ۽ اهڙي حالت ۾ سالڪ
الله جي رحمتن اچڻ لاءِ وڏيڪ ٻاڏائيندو آهي ۽ هي آزين نيازن،
روئڻ ۽ رڙڻ ۾ واڌارو آڻيندو آهي ۽ سالڪ الله جو ديدار
وري ڪرڻ لاءِ ليلائيندو ۽ واجهائيندو رهندو آهي، سالڪ
لاءِ اهو وقت تمام بيچيني، آڻ ترڻ وارو هوندو آهي ۽ انهي
۾ سالڪ کي جيڪو ڏک ٿيندو آهي انهي جو اندازو ئي
ڪري نٿو سگهجي. تنهنڪري سالڪ بسط واري حالت کي
الله جي طرفان رحمت تصور ڪندو آهي ۽ قبض واري حالت
کي الله جي طرفان دور تصور ڪندو آهي.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته شاهه سائين هن سر ۾ هڪ طرف سورة ”والضحيٰ“ جي معنيٰ بيان ڪئي ٻئي طرف الله جي رحمت جو مسلسل اسان تي اچڻ جو ذڪر ڪيو ٽئين طرف بسط ۽ قبض واري ڪيفيتن جي اهميت انهي جي راز کي بيان ڪيو آهي. ڇو ته صوفين جي هر ڪيفيت ۽ حالت جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طرح قراني آيتن مان ورتو ويو آهي. سچو صوفي قرآن جي هدايت کان ٻاهر ڪوبه قدم نٿو کڻي هن جو پهريون عمل شريعت آهي ۽ جيڪڏهن انهي تي پورو نه رهيو ته اهو ڪيئن اڳتي ترقي ڪري سگهندو تنهنڪري قرآن ۾ هر جاءِ تي الله جي رحمت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ الهي رحمت هميشه نه رڳو الله جي بندن تي رهندي اچي ٿي پر پوري ڪائنات جي هر ذري تي الله جي رحمت هر وقت رهي ٿي. جي الله جي رحمت بند ٿي وڃي ته جيڪر هيءَ پوري دنيا جهنم بنجي وڃي ۽ دنيا ۾ ڪجهه به زنده رهي نه سگهي. ساڳي ريت شاهه سائين جي هن سر ۾ سارنگ مان مراد الله جي رحمتن جي آهي جيڪا ڪائنات تي قائم ۽ دائم آهي ۽ اها ئي الله جي رحمت هئي جنهن رسول کي جنم ڏنو ۽ ڪيس هن دنيا مان جهالت ۽ اونداهي کي ختم ڪري قوت بخشي ۽ اهائي الله جي رحمت هئي، جنهن اسلام کي پوري دنيا ۾ ڦهلايو ۽ اهائي رحمت آهي جيڪا مڪا پڻ ساوا ٿي ڪري.

شاهه جي ڪلام جي سُر سارنگ جي داستانن ۾ آيل واين جي معنيٰ کي مطالعو ڪنداسين ته انهن ۾ شاهه جو راز کهڙو آهي. سر جي پهرئين داستان جي وائي آهي:

داستان ٻئي جي وائي ۾ شاهه پنهنجي رسول ڪريم جن جي سڪ ۽ عقيقدت ظاهر ڪئي آهي جيئن چوي ٿو ته:

نورا پايو نيه جا، در ٻلي جسي نچي،
آئون ويندي در دوستن جي.

داستان ٽئين جي وائي جو اڳي ذڪر ڪري آيا آهيون.

داستان چوٿين جي وائي ۾ به شاهه رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪان مدد طلب ڪئي آهي جيئن چوي ٿو ته:

ٻڪي آءُ پريئن تون، لهه مهجي سيد سار،
آئي مند ملار.

مختصر ته هن سر ۾ ظاهري مطلب ته سارنگ جي يعني مينهن جي مند ۽ مينهن وسڻ ۽ مينهن ڪان اڳي زمين، ماڪ ماڻهن، جانور پکين ۽ جيتن جي مينهن وسڻ لاءِ تانگهه تؤنس ملڪ جون ذڪر واريون حالتون ۽ مينهن پوڻ ڪان پوءِ ملڪ ماڻهن جانور پکين ۽ جيتن ۾ جيڪا خوشي اچي ٿي تنهن جو ذڪر آهي پر روحاني مقصد معنيٰ ۾ جيڪو راز آهي اهو آهي اسلام ڪان اڳي دنيا جي حالت جهاليت، ڪفر جو انتها تي هجڻ الله جي رحمت جو اچڻ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جو جمڻ، ڪفر جو خاتمو جهالت ۽ ظلم جي اونداهي جو خاتمو ۽ رسول ڪريم جن جي ڪردار جي ثنا سندن انهن جي اڳيان مقبوليت اهميت ۽ درجو ۽ مسلمانن لاءِ آخرت ۾ اجهو هئڻ جو ذڪر ڪيل آهي. ۽ تصوف جي

پيدا ٿيندي آهي ۽ ملڪ ۾ ذڪر هوندو آهي. پر قبض جي حالت ۾ سالڪ کي نه رڳو جسماني تڪليف محسوس ٿيندي آهي پر روح به بيچين هوندو آهي. تنهنڪري شاهه چوي ٿو ته:

سيڻن ري سيد چي، روح نه رچن رنگ.

يعني محبوب حقيقي جي ديدار کان سواءِ روح تي اهي لطائفن جا رنگ نٿا چڙهن يعني روح کي اها خوشي نٿي ملي پر جڏهن محبوب حقيقي جو ديدار ٿئي ٿو تڏهن سالڪ لاءِ چئني طرفن کان مينهن ٿي مينهن نظر اچي ٿو. پوءِ سالڪ انهي ڪيفيت ۾ هوندو آهي ۽ چوندو آهي.

جڏانهن ڪريان پرک، تڏاهن سڄڻ سامهون،
سو هي سو هو، سو آجل، سو الله،
سو پرين سو پساه، سو ويري سو واهرو.

۽ جڏهن سالڪ انهي حالت ۾ اچي ٿو تڏهن هن کي سچي خوشي نصيب ٿئي ٿي؛ تنهنڪري چيو اٿس ته مينهن ۾ اهو رنگ نه آهي جهڙو محبوب جي پسڻ ۾ آهي ۽ محبوب جي ديدار کان سواءِ روح تي نور جا رنگ نه چڙهندا آهن ۽ اهي مينهن تڏهن وسن ٿا، جڏهن محبوب جو ديدار نصيب ٿئي ٿو. نورن لفظ ۾ ته الله جي رحمت جيڪا سالڪ تي ٿئي ٿي اها اهڙي نه هوندي آهي جهڙي برسات پوڻ ڪري ٿئي ٿي. اها ته انهيءَ کان تمام گهڻي هوندي جنهن جي ڪا حد ئي نه هوندي آهي.

—

انهيءَ کان سواءِ گوبند مالهيءَ جو ناول ”پيار جي پياس“ بہ هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول کي ١٩٥٣ع ۾ ايوارڊ بہ مليو.

گوبند مالهيءَ جا ١٩٥٣ع ۾ ٻہ ناول ڇپيا، جيڪي ”ڪهاڻي“ پبليڪيشن وارن ڇپايا. جنهن ۾ پهريون ناول ”من جو ميت“ هن ناول جو موضوع بہ پيار جي شادي آهي. پر هن ناول جو دائرو ”جيون ساٿي“ کان وڌايو ويو آهي. جيون ساٿي ۾ ٽن پيار ڪندڙ جوڙن جي ڪهاڻي هئي ۽ ”من جو ميت“ ۾ ڇهن پيار ڪندڙ جوڙن جي ڪهاڻي آهي. پر چارئي جوڙا هڪٻئي سان ڳتيا پيا آهن هن ناول جو ماحول ڪلياڻ ڪئمپ (بمبئي) جو پيش ڪيل آهي. هن ناول جو پلاٽ تمام عمدو آهي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول بابت لکي ٿو تہ:

> ”منهنجي خيال ۾ هڪ مرڪب (complex) ناول هوندي بہ هيءَ مالهيءَ جو چونڊ وارو ناول آهي. جنهن ۾ رنگ، ماحول ۽ مقصد جي ايڪتا بهترين نموني نباهي ويئي آهي.“ (٥)

هن ناول جي خاص خوبي اها آهي، جو منجهس اهي عملي طريقا ٻڌايل آهن، جن سان هڪ ’آدرشي سنڌ‘ پيدا ڪري سگهجي ٿي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول جي انهيءَ خوبي بابت لکي ٿو تہ:

> ”هن ناول جي خاص خوبي آهي، جو منجهس عملي طريقا ڏسيل آهن، تہ ڪيئن سنڌو نگر جي پنچاتي

> سرشتي کي سڌارڻ، سهڪار منڊليون برپا ڪرڻ ۽ ڪارخانا کولي، ماڻهن کي مشغولي ڏيڻ سان هڪ آدرشي سنڌ پيدا ٿي سگهي ٿي.“ (٦)

گوبند مالهي پنهنجن ڪيترن ئي ناولن ۾ هند ۽ سنڌ جو ذڪر ڪري ٿو. سندس هن سال جو پهريو ناول. ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ آهي. هي هند ۽ سنڌ جو بهترين ناول ليکيو وڃي ٿو. هن کي بمبئي ۾ ١٩٥٣ع جو بهترين ناول جو انعام پڻ مليو. هن ناول جو سمورو ماحول ورهاڱي ۽ پاڄ واريءَ سنڌ جو آهي، جنهن ۾ لڏي ويلن جي دلين ۾، وطن جون يادگيريون پيش ڪيل آهن.

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي هن ناول ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي لڏپلاڻ جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾ شروعاتي دور ۾ لڏپلاڻ، ڪئمپن ۾ سنڌين جي دربدر زندگي ۽ سنڌ جي ياد، سنڌيت جو جذبو، سندس ناول ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ ۾ ملي ٿو.“ انهيءَ کان سواءِ ”شرم بوٽي“، ”ڏيهي پرڏيهي ٿيا“ ناولن ۾ سنڌي ۽ سنڌ جي زندگيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.“ (٧)

ناول جي شروعات ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ملڪ جي ورهاست کان پهرين هندو ۽ مسلمانن جي بڏي، پيار ۽ محبت سان گڏ رهندي ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ورهاڱي کان پوءِ انهن ۾ ڪيئن

جو مقابلو ڪندا، تڏهن ئي سماج ۾ اوچ چرتر وارا انسان پيدا ٿيندا، ۽ اهائي ناول جي 'للڪار' آهي."(١٠)

هن ناول ۾ معاشري جي بگڙيل فردن تي تنقيد ڪيل آهي ۽ انهن بگڙيل فردن جي جوابداري معاشري تي مڙهيل آهي. هي ناول موضوع ۽ ڪردارن جي لحاظ کان بلڪل نئون آهي. هن ۾ هر ڪردار جا سڀ پهلو، ناول جي عڪاسي ڪن ٿا.

گوبند مالهيءَ جو هن سال جو ٻيو ناول آهي، "چنچل نگاهون" جيڪو ڀارت جيون پبليڪيشن وارن ڇپايو. هن ناول جو موضوع به پيار جي شاديءَ وارو آهي، پر هن جو دائرو وسيع ڪري جيٿري تي جيٿري شادي جا مسئلا ۽ طلاق جا مسئلا به شامل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر پٺاڻ هن ناول جي مقصد جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"هن ناول ۾ شاديءَ جي مسئلن جو بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ طلاق ۽ ٻي شادي سندس خاص مقصد آهي."(١١)

حالانڪ هن ناول جي آکاڻي روايتي آهي، پر ان ۾ مسئلن کي نهايت هوشياري سان ڦوليهيو ۽ ڦاهيو ويو آهي. هن ناول بابت منگهارام ملڪاڻي پنهنجي راءِ پيش ڪري ٿو ته:

"هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ جو مقصد آهي ته مرد ۽ عورت جو ميلاپ، جيڪڏهن پريتي وواهه تي ٻڌل آهي ته آهو آدرشي سنبنڌ آهي، پر جيڪڏهن ڪن زبردست ڪارڻ ڪري، ڏرين ۾ محبت قائم رهي نه

پيار جهڙي دستوري آهي. البت ان ۾ همدردي ۽ بغاوت جا عنصر به موجود آهن.

هن ناول جو ڪنئوس محبت نه، زندگي آهي. زندگي محبت کان وڌيڪ گوناگون آهي.

انهيءَ کان سواءِ گوبند مالهيءَ جا ٻيا هي ناول آهن:

١- پريتم ويو پرديس.

٢- سوداگر جي سونهن.

سندس ترجمو ڪيل ناول هي آهن: ”ساٿي“، ”سيما“ ۽ ”ماءُ“. ”ماءُ“ جيڪو گورڪي جي روسي ناول تان ترجمو ڪيل آهي. هي ناول ڀارت ناول مالا وارن شايع ڪيو. هن ناول جو ترجمو گوبند مالهيءَ ڏاڍي سهڻي نموني ۾ ڪيو آهي.

مجموعي طور تي سندس ناولن کي ڏٺو وڃي ته هن جي ناولن جا موضوع، سندس خيالات ۽ سندس فڪر ٻين کان جداگانه آهي. هن خاص طور تي سماج جي سماجي، اخلاقي، معاشرتي ۽ اصلاحي پهلوئن کي پيش ڪيو آهي.

## حوالا


(١) جگديش لڇاڻي، ”اپڀياس ۽ سنڌي اپڀياس“ وينا پبليڪيشن الهاس نگر ١٩٨٧ع.

(٢) حوالو ساڳيو.

(٣) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ - مضمون ”ورهاڱي کان پوءِ ناول“ - سنڌي ادب - سنڌ الاجي ٨٥-١٩٨٤.

(٤) حوالو ساڳيو.
(٥) منگهارام ملڪاڻي، "ڀارت ۾ سنڌي نثر جي ترقي" ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(٦) حوالو ساڳيو.
(٧) هيرو شيوڪاڻي، مضمون "سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ سنڌي جيون"، شبد ۽ سنسڪرتي - ڪتاب ۾ شامل.
(٨) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ - "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول"، سنڌي ادب ٨٥-١٩٨٤ع.
(٩) جگديش لڇاڻي، "اپنياس ۽ سنڌي اپنياس" ويڌا پبليڪيشن ١٩٨٧ع.
(١٠) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي ترقي"، ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(١١) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول" سنڌي ادب ٨٥- ١٩٨٤ع.
(١٢) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي ترقي"، ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(١٣) حوالو ساڳيو.
(١٤) حوالو ساڳيو.
(١٥) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول" سنڌي ادب - ٨٥-١٩٨٤ع.
(١٦) گوبند مالهي، "ڏيهي پرڏيهي ٽيا"، مقدمو.
(١٧) گوبند مالهي، "محبت جي راهہ ۾" مقدمو.

سحر امداد

# مرزا قليچ بيگ-سنڌ جو سپُٽ

گرجستان جي مرزا فريدون بيگ جو پٽ "قليچ خان" (٤-محرم ١٨٥٣ع مطابق ١٢٧٠هه) جنهن کي ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ جو پروفيسر مرزا "حيرت قليچ بيگ" سڏيندو هو، ۽ جنهن پوءِ عملي زندگيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ جي نالي سان سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ميدان ۾ حيرت انگيز ڪارناما سرانجام ڏنا. ان "شمس العلماء" مرزا قليچ بيگ جا سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي انيڪ احسان آهن. مرزا قليچ بيگ جنهن جي پيءُ ۽ ناني جو تعلق روسي ترڪستان سان هو ۽ سندن مادري ٻولي ترڪي هئي. پر ايران جي غلاميءَ واري دؤر ۾ هنن فارسي سکي ۽ پوءِ بالترتيب پندرهن ۽ ڏهن ورهين جي ڄمار ۾ ايران جي شهنشاهه وٽان "تحفي طور" سنڌ جي حڪمران مير ڪرم علي خان کي ١٨٠٥ع ۾ مليا، ۽ انهن سنڌ اچي ڪانپوءِ سنڌي سکيا. ان بابت مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتا ۾ لکي ٿو:

"....سنڌي ٻولي هتي سکيا ۽ چڱي ڳالهائيندا هئا، اگرچه ڪي ڪي نج سنڌي حرف پوريءَ طرح نه چوندا هئا، ۽ گهڻن هنڌن تي مذڪر ۽ مونث جو غلط استعمال ڪندا هئا."

(جڏهن ته اڄ اهڙو ني غلط استعمال ڳالهائڻ جي ٻوليءَ ۾ ته عام جام آهي، پر ويل اهو آهي ته لکت ۾ ۽ ادبي تحريرن ۾ ٻوليءَ جي بيجا ۽ غلط استعمال سان اسان جي ٻوليءَ جا

آتم ڪهاڻيءَ بابت مرزا جي پنهنجي ڪيفيت ۽ احساس جي بيحد خوبصورت ترجماني ڪري ٿو:

هرچه دارد قليچ آرد پيش
برگ سبز است تحفهٔ درويش

ترجمو: حال حبيبان پيش پريان
سانو پن درويش جو تحفو آهي.

سيهش گشت دفتر اعمال
زان سيه روئي، با سفيدي‌ء ريش

ترجمو: منهنجي اعمال جو دفتر ڪارو آهي
جنهنڪري منهن ڪارو ۽ ڏاڙهي سفيد آهي.

عجب احمق، بدست خود نوشت
مدح و ذم، نيڪ و بد سوانح خويش

ترجمو: عجب احمق آهي جنهن پنهنجي هٿ سان
پنهنجي ساراهه ۽ گلا، نيڪيءَ بدي ويهي لکي آهي.

خواهش دوستان شده عذرش
خلق خوشدل ازان خودش دلريش

ترجمو: دوستن جي خواهش پوري ڪيم
ان کي پڙهي خلق خوش ٿيندي، پر سندم دل ڦٽيل آهي.

مرزا قليچ بيگ ستر سالن جي عمر ۾ "ڦٽيل دل" سان جا آتم ڪهاڻي لکي آهي، تنهن کي پڙهي سنڌي ماڻهوءَ جي دل سچي ٿي پئي ٿي، ڇو ته مرزا قليچ بيگ اها سنڌ جا اسان نه ڏٺي، پر مرزا قليچ بيگ ڏٺي هئي، ۽ جا اسين "سانو پن يا ڪارو پنو" ۾ ڏسون ٿا، جنهن سنڌ بابت

رهي آهي، ۽ مرزا قليچ بيگ اهو پليءَ پَٽ چاڻي ٿو. ان ڪري ئي آتم ڪهاڻيءَ جي افاديت ۽ اهميت مرزا قليچ بيگ هن ريت ڄڻي ٿو:

”وڏن ۽ چڱن ماڻهن جو تاريخي احوال، نهايت مفيد ۽ ڪمائتو آهي، بلڪ پاڪ ڪتابن جي مٽ آهي، ڇا لاءِ جو انهن سان شريفن وانگي حياتي گذارڻ، اعليٰ درجي جي خيالن ڪرڻ، پنهنجن توڙي پاڻ جهڙن بين انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ پڪي ارادي، اورچائي، خودباوريءَ، خود عزتيءَ ۽ خود اعتباريءَ جي گڻن پيدا ڪرڻ جي تعليم حاصل ٿئي ٿي. اهڙا وڏا ماڻهو گهڻو ڪري اصل مفلس، غريب، ڪاسبي ۽ رواجي ماڻهو هئا، جي پنهنجي محنت ۽ ذاتي جوهر سان چڙهيا ۽ ٻين لاءِ ناليرا مثال ٿيا. اهي هر وقت شرم ڪان سواءِ، پنهنجي گهٽ اصل نسل ۽ پنهنجي مفلسيءَ ۾ تڪليفن جا اشارا ڏيندا رهيا، بلڪ انهيءَ تي فخر ڪندا رهيا.“ (١)

پنهنجي مٿي چيل ڳالهين تي خود مرزا قليچ بيگ ڪيتري قدر پورو لهي ٿو، تنهن جو اندازو ”سائو پن يا ڪارو پنو“ پڙهي بخوبي ڪري سگهجي ٿو. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ناني ۽ بابي (جيڪي ٻئي پاڻها ٽي ميرن جي دربار ۾ پهتا هئا.) جو وڏي فخر سان ذڪر ڪري ٿو. گهڻي عزت ۽ احترام، پيار ۽ پاٻوهه منجهان سندن شخصيت ۾ موجود گڻن کي واکاڻي ٿو. گهڻي دولت نه هجڻ ڪري ڪفايت ۽ قناعت سان پنهنجي سفيد پوشي

---

(١) مرزا قليچ بيگ، سائو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو ١٩٨٨ع، ص: ١۴.

قائم رکڻ لاءِ انهن جي ڪيل محنتن جو ذڪر ڏاڍي فخر ۽ مان سان ڪري ٿو. مرزا صاحب جي ناني ۽ نانيءَ سندن ماءُ ۽ پيءُ جي آجرن اوصافن مرزا قليچ بيگ جي شخصيت جي تعمير ۾ نهايت اهم رول ادا ڪيو:

”بابي ۽ اما وٽ گهڻي دولت نه هئي. بابي جي وفات کانپوءِ اما ۽ اسان جي وڏي پيڻ ۽ اسان جون ٻه ٻانهيون، يعني دائي گُلچمن جا حبشياڻي هئي ۽ دائي زعفران، جا شيدياڻي هئي، سي گهر جي ڪم ڪار ۾ رهنديون هيون. اما ۽ ادي سٽڻي ۽ زريءَ جو ڪم چڱو ڪنديون هيون، ۽ انهيءَ مان چڱي سوچاري پيدائش ٿيندي هئي. اهڙي پورهئي ڪرڻ کي عيب نه ڄاڻنديون هيون. پنهنجن هٿن سان چرخو به ڪتينديون هيون؛ بلڪ ڪڏهن ڪڏهن جنڊ به پيهنديون هيون، ماني به پچائينديون هيون. ٿوري پيدائش جي ڪري بابو ۽ اما، جيتري ڪفايت ۽ قناعت تي سگهندي هئي، اوتري ڪندا هئا. بابو پنهنجن هٿن سان ٻارن جي لاءِ ٽوپيون جوڙيندو هو ۽ پنهنجي لاءِ بعضي پاڻ ڪپڙا به سبندو هو. ڪفايت ۽ قناعت جي ڪري اسان جي ساديءَ هلت تي، ڪي ٻاڙيوارا ۽ عزيز کلندا ۽ ٽوڪون به ڪندا هئا، ته به اسان مان ڪو انهيءَ تي ڌيان نه ڏيندو هو. گهڻن کي ته حيرت لڳندي هئي ته ڪيئن هي اندر توڙي ٻاهر عزت آبروءَ سان پيا گذارين ــ! اندر ٻاهر جي لاءِ نوڪر به رکن، صاف ڪپڙا به ڪن، ٻار به اسڪول ۾ موڪلين، بلڪ بمبئي تائين به انهن کي موڪلين، ۽ شاديءَ مراديءَ وقت دستوري پنهنجن سوٻنجن به ڏين وٺن، ۽ اٿن ويهن!(١)

---

(١) مرزا قليچ بيگ، سانو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو ١٩٨٨ع، ص: ١٠-٩.

اکر فارسي ۽ عربي تمام چڱا لکندو هو(١). تمام چڱو خوشنويس هو سندس لکيل قرآن ۽ ٻيا ڪتاب اڄا موجود آهن. طبابت جو شوق هئس ۽ طب جا ڪتاب ڏسندو هو ۽ دوائون ڪندو هو. رمل جو علم ڄاڻندو هو، ۽ فالون وجهندو هو ۽ تعويذ به لکندو هو. شعر ٻڌڻ جو گهڻو شوق هئس. خود سندس چيل فارسي شعر به اسان وٽ موجود آهن. سمهڻ مهل حقو ڇڪيندو هو، ڳڙاکو پنهنجي هٿ سان ٺاهيندو هو. حقي جي ڏاڍي صفائي ۽ پوشيدگي رکندو هو عمدا عمدا ڪبوتر هٿ ڪري رکندو هو، پکي (تمريون، چيها، چتون ۽ نوريون) رکندو هو. بابو خوش طبع ۽ خوش خلق هو (٢).

مرزا قليچ بيگ پنهنجي پيءُ جي روزاني نيم کان وٺي، سندس مختلف عادتن، هنرن، علمن، شوقن، ڪاريگرين، خوش طبعي ۽ خوش خلقيءَ جو ذڪر گهڻي آکير ۽ فخر منجهان ڪري ٿو. ان سان هڪڙي ڳالهه ته ثابت ٿئي ٿي ته هڪڙو ماڻهو جي چاهي ته هڪ ئي وقت گهڻن هنرن، ڪاريگرين ۽ ڪمن جو نه رڳو ڄاڻو ٿي سگهي ٿو، پر انهن تي مڪمل عبور به حاصل ڪري سگهي ٿو. مرزا قليچ بيگ جو پيءُ پنهنجي اولاد لاءِ هڪ مثالي شخصيت هو. هڪ اهڙو پيءُ جنهن پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهه نيم مقرر ڪيا ۽ انهن تي عمل به ڪيو. هن پنهنجي ڏينهن رات جو ڪو وقت اجايو

---

(١) مرزا قليچ بيگ، سائو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٨٨ع، ص- ١٢.

(٢) ايضاً ص- ١٣.

ڪي مرزا صاحب "ڪوڙا سچا بيت"(١) ٿو چئي، جيڪي گهٽو ڪري ڪل مسخري ۽ چرچي جهڙا شعر هوندا هئا، جن ڪي گهر وارا پڙهي محظوظ ٿيندا هئا.

مرزا صاحب ننڍپڻ ۾ چرچائي هو. خوش طبعي، مسخري چرچيبازيءَ جي ڪري سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هو. "نه رڳو زباني چرچا ڪندو هوس، پر پين ماڻهن جون نقلون، سانگ ۽ ناٽڪ به ڪندو هوس"(٢). مرزا صاحب جي مزاج ۾ خوش طبعي پچاڙيءَ تائين به رهي. مرزا جي شاعريءَ جو رنگ رڳو ناصحانہ رنگ ناهي، پر ظرافت جو رنگ به مرزا جي شاعريءَ ۾ موجود آهي ۽ ان ڏس ۾ شيخ سعديءَ جي رسالي "مضحڪات" جي طرز تي مرزا قليچ بيگ جو مجموعو "هزليات" آهي، جنهن ۾ مرزا جا ظريفانہ شعر ڏنل آهن. مرزا جي ظرافت خود مرزا جي ذهانت جو دليل آهي ۽ ذهين ماڻهو پنهنجا رستا ۽ پنهنجون جايون خود جوڙيندو آهي. مرزا صاحب اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ پنهنجن استادن جو دادلو شاگرد رهيو. ٿيهن سالن جي سرڪاري نوڪريءَ ۾ پڻ بالا آفيسرن جون نوازشون مرزا صاحب سان گڏ رهيون. نوڪريءَ دوران ميرزا صاحب نہ رڳو نوڪريءَ سان وابستہ ڪيترائي چڱا ڪم ڪيا، جن لاءِ پاڻ به چئي ٿو ته: 'وڏا ۽ مشڪل واهہ کٽايا هوندم، مشڪل ڪنڌ پڏايا هوندم، انصاف

---

(١) مرزا قليچ بيگ، سانو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٨٨ع، ص: ٢٣.

(٢) ايضاً ص: ٢٦.

روءِ فيصلا ڪيا هوندم، ڪيترائي مشڪل تڪرار نبيريا هوندم، ڪيترائي اسڪول ۽ مڪتب کوليا هوندم، رستن تي سج ۽ وڻ ۽ باغ رکايا هوندم'. پر مرزا قليچ بيگ خود به انهن کي ”رواجي نوڪريءَ جا فرض“ (١) ئي شمار ڪري. پر خود ان رواجي نوڪريءَ جي عرصي ۾ پنهنجو اصل ڪم پنهنجي ان ڪم کي چئي ٿو، جنهن مان کيس روحاني سڪون حاصل ٿيو ۽ سو هو ”ڪتاب ۽ ليک لکڻ“ جو ڪم. اڄ اسين جنهن مرزا قليچ بيگ کي سڃاڻون ٿا، اهو يقيناً ڪامورو مرزا قليچ بيگ ناهي، بلڪ ليکڪ/ ناول نگار/ ڊراما نگار/ مضمون نگار ۽ شاعر مرزا قليچ بيگ آهي. ان بابت خود مرزا قليچ بيگ چئي ٿو ته: ”ماڻهن انهن ڪمن جي قدرشناسي ڪئي آهي ۽ مون کي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ مناسب موقعن تي مانُ ڏين ٿا ۽ پرپٺ تعريف ڪن ٿا“ (٢). پر ان سڀ جي باوجود مرزا قليچ بيگ جي ڪسر نفسي آهي، جو چئي ٿو ته:

”سڀڪو ماڻهو مشهور ٿيندڙ آهي يا مشهور ٿيڻ گهرندو آهي، سو اهڙا وڏا ڪم ڪري ويندو آهي، جنهنڪري هن کي پوءِ ياد پيا ڪندا ۽ مئي کان پوءِ به هن جي يادگيري پئي رهندي آهي، پر افسوس آهي ته اهڙو وڏو ڪم مون کان نه ڪيو“ (٣).

---

(١) ايضاً ص: ٧٨.

(٢) مرزا قليچ بيگ، ساڻو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ١٩٨٨ع، ص: ٨١.

(٣) ايضاً ص: ٧٧.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي دؤر جو ڪيڏو وڏو ماڻهو هو ۽ هن ڪيڏو وڏو ڪم ڪيو! ان جو اندازو توهان سندس گهاٽي دوست ڏيارام گدو مل (جنهن جي گهڻي اصرار تي مرزا پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي.) ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جهڙي مهان ڏاهي ۽ عالم جي خطن مان ڪري سگهو ٿا.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، جيڪو مرزا قليچ بيگ جي دؤر جو هڪ لائق فائق ليکڪ ۽ وڏو محقق هو، جنهن جي ڪريڊٽ تي ان دؤر جا وڏا ڪارناما آهن. جنهن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو شاهه لطيف ڀٽائيءَ جو رسالو نئين ۽ سائنٽفڪ بنياد تي مرتب ڪرڻ آهي، سو مرزا قليچ بيگ کي "شمس العلماء" جي خطاب ملڻ تي ٤ جنوري ١٩٢٤ع تي "ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج" ڪراچيءَ مان خط لکي ٿو ته:

"آءٌ معلوم ڪري نهايت خوش ٿيو آهيان ته "شمس العلماء" جو لقب اوهان کي مليو آهي. بيشڪ اهو اوهان کي اڳي ماڻ گهربو هو. اوهان زبان ۽ علم جي لاءِ ايتري خدمتگذاري ڪئي آهي، جو اوهان جو نالو تاريخن ۾ هليو هلندو ۽ جي پيڙهيون اڃا نه پيدا ٿيون آهن، سي بڌي خوش ٿينديون" (١).

مرزا قليچ بيگ جنهن جا خود پنهنجي حياتيءَ ۾ ٢٠٠ ننڍا وڏا ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا هئا، ۽ جن ۾ ڪوبه اهڙو موضوع نه هو جنهن کي مرزا قليچ بيگ ڇُهيو نه

---

(١) مرزا قليچ بيگ، ساڻو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٨٨ع، ص: ٢٢٤.

هجي. مرزا قليچ بيگ جا خود پنهنجي دؤر ۾ هر موضوع تي ڪتاب لکڻ ۽ ڇپجڻ يقيناً ڪنهن ڪارنامي کان گهٽ ناهي. سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪو ڪارنامو شاهه عبداللطيف ڀٽائي انجام ڏنو، سو ساڳيو ڪارنامو مرزا قليچ بيگ نثر ۾ ڪري ڏيکاريو. ان لاءِ خود سندس حياتيءَ ۾ علامه آءِ آءِ قاضي (امداد علي امام علي قاضي) جڏهن خيرپور ۾ جج هو تڏهن مرزا قليچ بيگ کي خط لکيو ته:

"اسين اوهان کي فخر سان پيار ڪريون ٿا. شل خدا اوهان کي سنڌ جي لاءِ گهڻيءَ مدت تائين مهلت ڏي" (١).

مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب تي ڪيل احسانن کي سنڌي قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. مرزا قليچ بيگ تي نه رڳو سندس دؤر جي ماڻهن کي فخر هو، پر سنڌ اڄ به هن تي فخر ڪري ٿي.

سندس گهاٽي يار ڏيارام گدومل، جنهن جي گهڻي اصرار تي مرزا صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي هئي، تنهن ١٠ ڊسمبر ١٩٠٤ع تي مرزا کي خط لکيو هو:

"توکي ڪا خدائي قابليت آهي. جيڪو ڪم تو ڪيو آهي، سو مون کي شرمندو ٿو ڪري، آءٌ پنهنجو فرصت جو وقت سجائي ڪم ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، پر نه ايتريقدر جيترو تون ٿو ڪرين. انهيءَ ڳالهه ۾ تون سڀني کان گوءِ کڻي ويو آهين. شل تون پنهنجي ۽ منهنجي ديس لاءِ گهڻو جيئن (٢).

---

(١) ايضاً ص: ٢٢٦.

(٢) ايضا ص: ٢٠٦.

ديوان ڏيارام گدومل انهن چند ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪي هيرن جو قدر ڪرڻ ڄاڻن ٿا. ڏيارام نه رڳو مرزا جي سوانح انگريزيءَ لکي ۽ ڇپائي، پر هن مرزا صاحب جي ڪتابن جي نشر و اشاعت تي ان دؤر ۾ ڏيڍ لک کان وڌيڪ رقم خرچ ڪئي ۽ مرزا جي ”محنت جو ڦل جهان آڏو“ رکيو.

مرزا قليچ بيگ ١٩٢٣ع ۾ ”سائو پن يا ڪارو پنو“ لکي، آتم ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پڻ پاڻ مڃايو. سو آتم ڪهاڻي لکڻ جي ڇهن سالن کان پوءِ ادبي کيتر جي هن بهادر سپاهيءَ ٣ جولاءِ ١٩٢٩ع تي وفات ڪئي، پر هو اڄ به جيئرو آهي پنهنجين بي بها تحريرن ۾!

—

آهن، جن مان پهريون ٢٧- مارچ ١٩٤٨ع تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جڏهن هو پاڻ مسلم آرٽس ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپال هو. ان مان ظاهر آهي ته هن سنڌي ادب ۾ تنقيدي ڪتابن جي کوٽ ان وقت محسوس ڪئي جڏهن هو خود ڪاليج جي سرگرمين ۾ سرگرم ٿيو، جنهن جي پورائيءَ ۾ هيءَ ڪوشش ورتائين.

هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ چار باب آهن جن ۾: (١) ادب جي وصف (٢) ادب جي پيدائش (٣) ادب جي صداقت (٤) ادبي ڪتاب جون خصوصيتون (٥) ادبي ڪتابن جا موضوع (٦) اديب جون خصوصيتون (٧) ادبي ڪتابن پڙهڻ مان فائدا (٨) شعر جي وصف (٩) شعر ۽ سائنس جي ڀيٽ (١٠) شعر جو لباس (١١) شعر جو روح (١٢) محاڪات ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿي (١٣) تخيل ڪيئن ڪم اچي ٿو (١٤) شعر جو سينگار (١٥) نثر جا قسم (١٦) نثر جون خوبيون (١٧) تنقيد جي قلت (١٨) تنقيدنگاريءَ مان فائدا ۽ (١٩) نقاد ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن، جي عنوانن هيٺ لکيو ويو آهي. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ٻه باب آهن جن ۾ (١) ناول جا اهم جزا (٢) عمدي ناول جي پرک يا خصوصيتون (٣) ناول جو قصو ۽ ان موجب قسم (٤) ناول نويس جي طرز بيان (٥) شخصيتن جو خاڪو ڪڍڻ (٦) ناول جو روح (٧) ناول جو سينگار (٨) بذله سنجي (خوش طبعي) (٩) ناول زندگيءَ جو تفسير آهي (١٠) ناٽڪ ۽ ناول ۾ فرق (١١) اسٽيج جو ناٽڪ نويسيءَ تي اثر (١٢) پلاٽ جون پنج منزلون (١٣) پنجن منزلن جي وڌيڪ حقيقت- تمهيد، نزاع

اختيار ڪريون ٿا. انسان جيڪو حياتيءَ جو معائنو ڪيو آهي ۽ مختلف پهلوئن جا مشاهدا مائي خيال ۽ ويچار ڪيو آهي، جن اجتماعي ڪمن ۾ انسان لازمي طور ۽ هميشه دلچسپي وٺندو رهي ٿو ۽ جيڪي آزمودا ۽ تجربا پرائي ٿو تن جو، علم ادب هڪ غيرفاني دفتر آهي، تنهن ڪري ڪٿي چئجي ته علم ادب، انساني زندگيءَ جو الفاظ ۾ دلفريب اظهار آهي يعني انسان جي حياتيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو مدار ۽ اهميت انهيءَ انساني زندگيءَ تي آهي، جنهن جو هو بيان ڏئي ٿو.

(٢) علم ادب جا مختلف نمونا فقط حياتيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائڻ جا جدا جدا طريقا آهن.

(٣) ادب فطرت جو نقل آهي.

(٤) ادب ۾ ظاهري صداقت ڪانهي، پر معنوي ۽ اصلي صداقت آهي. ادب خارجي صداقت نه، بلڪ داخلي يا اندروني سچائي پيش ڪري ٿو.

(٥) ساري علم ادب جي ذخيره جي مطالعي مان سڄي قوم جي روح ۽ روش جي واقفيت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(٦) علم ادب قوم جي تاريخ جي بيجان بوتي جو روح آهي. حقيقت ۾ علم ادب تاريخي واقعات جي مفصل تشريح آهي. تاريخ فقط ٻاهرين زندگيءَ جو خاڪو آهي، مگر قوم جي دماغي ۽ روحاني خصوصيتون سمجهڻ لاءِ ان جي علم ادب جي پڙهڻ جي ضرورت آهي.

(۷) اهڙا ڪتاب جن جو مقصد آهي اطلاع ڏيڻ يا معلومات وڌائڻ سي ادب جي دائره کان ٻاهر آهن.

اديب بابت هن طرح لکيو ويو آهي:

(۱) اديب تصور جي گهوڙي تي چڙهي جيڪو دنيا جو سير ڪن ٿا، تن جو هو پڻ بيان ادبي ڪتابن ۾ ڪن ٿا.

(۲) اديب، صداقت ۽ سچائيءَ سان ٻڌل آهي، پر اها صداقت تاريخ نويس واري يا فوٽوگرافر واري سچائي ڪين آهي.... اديب جو اهو ڪم نه آهي ته ويهي چاٿائي ته واقعو هن ريت ٿيو ۽ پر هن جو ڪم آهي ٻڌائڻ ته واقعو ڪيئن ٿي سگهي ٿو.... هن کي فقط وقت جي تقاضا ۽ امڪان جي حدن جو خيال رکڻو آهي.

(۳) اديب، حياتيءَ جي سڀني پهلوءَ ۽ راز تي روشني وجهي سگهي ٿو.

(۴) هڪ ممتاز ۽ اعليٰ قسم جي اديب ۾ ڪيئن خاصيتون هئڻ گهرجن، هن جي تيز فهمي، نازڪ مزاجي، وسيع معلومات، باريڪ بيني، تخيل جي بلندي ۽ حسن ادائگي فقط سکيه وصفون آهن.

(۵) لکڻ جو جذبو ۽ دلڪش نمونو، اديب جي بزرگي ۽ عزت جو سبب بڻيو آهي.... هن جي چونڊ الفاظ جي نزاڪت، هن جي اصطلاحن ۽ محاورن جي عمدگي، هن جي جملن جي بيهڪ ۽ ميناج پڙهندڙن جي دل ۾ هن جي طرز جو عجيب نقشو اڪوريو ڇڏي.

(٦) اديب کي فصاحت، بلاغت ۽ سلاست جي وصفن سان موصوف ٿيڻ گهرجي، جيئن سندس مطمح نظر ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن ڪتاب ۾ ادب جي موضوعن کي پنجن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي، جن جو تفصيل هي آهي:

(١) ڪنهن شخص جا ذاتي يا شخصي تجربات جي هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻاهرين دنيا ۽ دل جي اندروني دنيا ۾ ڪيا هجن.

(٢) اهي تجربا جي ڪنهن شخص انسان جي حيثيت ۾ ڪيا هجن.... يعني اهي عام ۽ اهم مسئلا جن جو تعلق فقط اديب جي ذات تائين محدود نہ هجي، جهڙوڪ: حياتي ۽ موت، گناه ۽ ثواب، تقدير ۽ تدبير، قضا ۽ قدرت، بنده جو ڌڻي تعاليٰ سان تعلق ۽ دنيا توڙي عقبيٰ ۾ ڇوٽڪارو وغيره.

(٣) ڪنهن انسان جون، ٻين انسانن سان تعلق يا رواداريءَ بنسبت ڳالهيون.

(٤) قدرت ۽ انسان جو قدرت سان تعلق ڪهڙو آهي تنهن متعلق حقيقتون.

(٥) ڪنهن اديب جي اها ڪوشش جنهن ۾ هو تصور جي گهوڙي تي خيالي دنيا جو خاڪو ڪڍي، ماڻهن کي عجيب و غريب احساسات سان لطف اندوز ڪري.

اها ورچ ڏني شاهوانيءَ پاڻ ئي لکيو آهي: موضوعن جي مٿين تقسيم مطابق ادبي ڪتاب پنجن طبقن ۾ ورهائي سگهجن ٿا: هڪڙا آهي ڪتاب جن ۾ ذاتي تجربا بيان ڪيا ويا هجن.

- شاعري، تخيل ۽ جذبات جي زبان آهي. (ڪرزلٽ)

- شاعري، سائنس جو ضد آهي، جنهن جو مقصد خوشي پيدا ڪرڻ آهي ۽ نه ظاهري يا خارجي صداقت (ڪولرج)

- شاعري، سڀني فن جو لطيف جزو ۽ جذبن جو جوشيلو بيان آهي. (وردس ورٿ)

- شاعري، بيان ڪرڻ جو اهو دل وندرائيندڙ طريقو آهي، جنهن ۾ انساني الفاظ ڪمال درجي تي پهچي ڪري ئي پهچي سگهن ٿا. (مئٿيو آرنولڊ)

- جمال جي موسيقانه پيدائش کي شاعري چئجي ٿو. (ايڊگرايلن پو)

- شاعري آهي، ڏيل جذبات يا زرخيز تخيل جو اظهار. (ڪبل)

- شاعري آهي، جيڪي اسان جي اردگرد حاضر آهي تنهن سان ناراضپو. (ڊوئل)

شاهوائي هنن ڏنل وصفن بابت پنهنجو رايو ڏيندي چوي ٿو ته اهي سڀئي وصفون ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ غير مڪمل ۽ ناقص آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ گهڻي قدر سچ سمايل آهي، تنهن هوندي به هنن ۾ فقط شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي زور ڏنو ويو آهي. ڏسجي ٿو ته شاعريءَ جون وصفون ڏيندي، شاهوائيءَ، انگريزي ادب کي ترجيح ڏني، فارسيءَ، عربيءَ ۽ هنديءَ کي نظرانداز ڪيو آهي. حالانڪ آهي پوليون، شاعرن، شاعريءَ ۽ ان جي تنقيدي اصولن سان پرپور آهن.

شاعريءَ ۽ سائنس ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تنهن بابت شاهوانيءَ لکي ٿو:

”سائنس ۾ شين تي بحث ڪيو وڃي ٿو، شعر ۾ خيالات تي، سائنس ۾ ڪائنات جي سڀني شين متعلق معلومات ملي سگهي ٿي. شعر ۾ فقط ذاتي يا داخلي، سائنس لفظن کي فقط اشارن جي مثل يا ٻئي نموني ۾ استعمال ڪري ٿي. شاعري زبان جي سڀني لطافتن کان ڪم وٺي محاورا، اصطلاح، پهاڪا ۽ ٻيا سڀ ئي صنايع ۽ بدايع ڪم ۾ آڻي ٿي. سائنس آهي معلومات مهيا ڪرڻ، شعر آهي پيدا ڪرڻ. سائنس ظاهري يا خارجي صداقت پيش ڪري ٿي، شاعري باطني يا داخلي سچائيءَ جو اظهار ڪري ٿي. سائنس جو ڪم آهي شين جي ظاهري ڪيفيتن جي ترجماني ڪرڻ. سائنس ۾ مختلف شين ۾ مشابهت ڳولي وڃي ٿي، ليڪن شعر فقط ڏيکاري ٿو ته شين جو انسان تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. سائنس جو دماغ سان پر شاعريءَ جو دل سان تعلق آهي.“

”سائنسدان فقط دماغ سان تعلق رکي ٿو، پر شاعر انسان جي سڀني قوتن کي پنهنجي جادوگريءَ سان فريفته ڪيو ڇڏي.“ ان ڪري —

”شاعري، سائنس جي تڪميل آهي.“

شاعر ۽ ان جي ڪاوشن کي وري هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

”شاعر جو بيان اسان ۾ اها خوشيءَ جي لهر ڊوڙائي ٿو، جيڪا اسان گل جي سونهن ۽ خوشبوءِ کي معلوم ڪري

اهڙيون ڪتب آئجن، جيڪي مخاطب کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچن.

شاهوانيءَ جيڪي اصول چونڊي بيان ڪيا آهن، تن موجب ڪلام يا شعر موزون، فصيح، بليغ ۽ سليس هئڻ گهرجن. ان جي بندش ۾ عمدي هئڻ گهرجي. ان ۾ جهول نه هجي. منجهس تشبيهه ۽ استعاره، تخيل ۽ محاڪات توڙي تلميحات کان مناسب طور تي ڪم ورتو گهرجي. انهن ئي شين تي ڪلام جي زور ۽ اثر جو مدار آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ انهن شعري اصطلاحن کي کولي سمجهايو آهي.

## تشبيهه ۽ استعاره

شاهوانيءَ انهن شعري اصطلاحن جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

”جيڪڏهن اسان کي چوڻو هجي ته فلاڻو شجاع آهي، ته انهيءَ خيال کي هيٺين ٽن نمونن ۾ اظهار ڪري سگهجي ٿو.

١- هو تمام بهادر آهي.
٢- هو شينهن جهڙو مڙس آهي.
٣- هو شينهن مڙس آهي.

”پهريون نمونو بيان ڪرڻ جو معمولي طريقو آهي. ٻئي طرز ادا ۾ وڌيڪ زور آهي ۽ انهيءَ نموني کي تشبيهه چئبو آهي، ڇاڪاڻ جو انسان جي شينهن سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ٽيون نمونو بلڪل زوردار ۽ اثرائتو آهي. انهيءَ طرز ادا کي استعاره چئبو آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس خفيف ۽ لڪل مشابهت آهي، پر ڀيٽ اهڙي نمايان ۽ کليل نه آهي، جهڙي

تشبيهه ۾. جيڪڏهن چئجي ته هو گجندو اچي“ ته انهيءَ کي استعاره چئبو. ڇاڪاڻ جو شينهن جو نالو به ڪونه ڳڻل آهي، پر فقط شينهن جي هڪڙي خصوصيت انسان سان لڳائي وئي آهي؛ تنهنڪري شينهن ۽ انسان جي وچ ۾ نسبت پيدا ڪئي وئي آهي. هي نمونو ٽئين نموني کان به وڌيڪ لطيف ۽ نازڪ آهي.“

## محاڪات

”محاڪات جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ يا حالت جو اهڙي طرز سان بيان ڪرڻ، جو انهيءَ جي تصوير پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي اکين اڳيان تري اچي. محاڪات هڪ قسم جو فوٽو آهي، انهيءَ شيءِ يا دل جي ڪيفيت جو، جو شاعر بيان ڪرڻ گهري ٿو.“

اها محاڪات ڪيئن پيدا يا حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ تنهن بابت هيٺن چيو ويو آهي:

(١) موقع موافق وزن استعمال ڪرڻ ڪري محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٢) اصلي شيءِ جي مطابق تصوير ڪڍڻ ۽ ان جي هرهڪ اهم ۽ ضروري جزي کي بيان ڪرڻ سان محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٣) لفظن جي صحيح نموني ۾ ۽ موزون موقع تي استعمال ڪرڻ سان تـوڙي باريڪ نقطن کي چڱي طرح چٽڻ سان محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٤) تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي توڙي مبهم اشارو ڏيڻ سان محاڪات پيدا ڪري سگهجي ٿي.

شاهواڻيءَ انهن سڀني نقطن کي مختلف شاعرن جي ڪلام مان مثال ڏئي کولي به سمجهايو آهي.

## تخيل

تخيل ڇا کي ٿو چئجي؟ تنهن بابت شاهواڻي، هينري لوئيس جو خيال بيان ڪندي چوي ٿو:

– تخيل اها قوت آهي جا اهي شيون اسان کي ڏيکاري ٿي، جيڪي زنده آهن يا جيڪي اسان جي حواسن جي ضعيفائيءَ سبب اسان کي نظر نٿيون اچن. اها وصف هن کي اڻپوري لڳي، تنهنڪري وڌيڪ چوي ٿو ته:

– در حقيقت، تخيل، ايجاد جي قوت جو نالو آهي.

– تخيل شعر جو روح آهي. ان جي ذريعي شاعر ڇانيل ۽ مجهيل حقيقتن تي پيهر تنقيدي نظر سان، انهن تي وڌيڪ ۽ عجيب روشني وجهي، جذبات برانگيز ڪري انهن ۾ جنبش پيدا ڪري ٿو.

– شاعر، ڪائنات جي فاني ۽ غيرفاني، موجود ۽ غيرموجود ذرن کي، هستيءَ جو لباس پهرائي، تخيل جي ذريعي دلفريب نموني ۾ ترتيب ڏئي، دلڪش رنگ ۽ روپ ڏئي ٿو.

محاڪات ۽ تخيل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تنهن بابت ڄاڻايو ويو آهي:

تخيل شعر جو روح ۽ محاڪات ان جو بوتو آهي، جنهن ۾ روح پوڻ بعد دلفريبي ۽ ڪشش پيدا ٿئي ٿي؛ نه ته محاڪات فقط هڪ نقالي آهي، پر اهي ٻئي هڪٻئي جي جاءِ پري ڪري نه سگهندا آهن. جتي محاڪات جي ضرورت هجي، اتي تخيل جو

صفتون ڪتب آئي، نثر ۾ ندرت ۽ تازگي پيدا ڪجي. رڳو جهونن اکرن دهرائڻ سان دماغي ڏيوالي جو ثبوت نه ڏجي.

(٣) نثر جي طرز ۾ اها صفائي ۽ وضاحت هئڻ گهرجي، جو اڳالي جي دل ۾ گهر ڪري وڃي. ان ڪري پنهنجي دؤر جي ماڻهن جي مذاق ۽ پنهنجي طبيعت مطابق لکڻ گهرجي ۽ سولي ٻوليءَ سان گڏ طرز ادا اهڙي هجي، جو نثر ۾ رفتار تيز معلوم ڪجي ۽ ساڳئي وقت اضطراب ۽ تاخير (Suspanse) محسوس ڪجي.

(٤) لفظن جي چونڊ ۽ مٺن گفتن ۽ شيرين اکرن جو انتخاب، جملن جي حصن جي بيهڪ، موقع پٽاندڙ لهجي جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو خيال رکڻ گهرجي. نثر کي رنگين بنائڻ لاءِ وزن ۽ قافيه استعمال ڪرڻ کان روڪ ڪانهي.

(٥) لفظ فصيح ۽ بليغ هئڻ گهرجي.

(٦) مضمون ننڍين ننڍين فقرن ۾ ورهائي، هرهڪ جزي ۾ هڪڙو نئي خيال ظاهر ڪجي. فقره يا بند جو پهريون جملو اهڙو هئڻ گهرجي، جنهن جي پڙهڻ سان ساري فقره جو مفهوم ۽ مقصد سمجهي وڃجي.

(٧) مضمون ۾ خوش طبعيءَ (Humour) جي چٽڻي به وقت ۽ گهرج آهر هئڻ گهرجي.

(٨) نثر کي زوردار بنائڻ جي لاءِ لفظن دهرائڻ(Repitition) جي ضرورت پوي، ته ڀل دهرائجن. لطيفه گوئي، تمثيل، تفسير، تشريح ۽ توضيح جهڙا ادبي اوزار استعمال ڪرڻ کان هٻڪڻ نه گهرجي.

(٩) مختلف قسمن جا جملا- مفرد، مرڪب توڙي مخلوط (Complex) ڪم آڻي، مضمون کي گوناگون ۽ رنگارنگ بنائڻ گهرجي. ان ريت نثر اکين لاءِ سهڻي تصوير ۽ ڪنن لاءِ عمده نظم مثل ٿي پوندو. ان بعد شاهواڻي لکي ٿو ته نثري ادب جون شاخون يا قسم هي آهن:

- مضمون نويسي (Essay Writing)
- انشا پردازي (Letter Writing)
- ناٽڪ نويسي (Drama)
- حڪايت نويسي (Short Story)
- تنقيد نگاري (Literary Criticism)

جن مان ڪن تي هن ڪتاب ۾ لکيو ويو آهي.

## تنقيد، تنقيد نگاري ۽ نقاد

تنقيد، صحيح تنقيد بلڪ اعليٰ تنقيد جي کوٽ سنڌي ادب ۾ اڄ به محسوس ڪئي وڃي ٿي ڇو جو پاڪستان جي شروعات واري دور ۾ ته کوٽ جي به ڳالهه آهي، باقي بچ کوٽ ڪڏهن ڪانه رهي آهي، ڇاڪاڻ جو انسان ادب جي سرجڻ واري دور کان وٺي کري ۽ کوٽي جي تميز پئي رکي آهي ۽ اهائي تميز، تنقيد جو بنيادي پٿر آهي.

شاهواڻي به پنهنجي دور ۾ اهڙي کوٽ محسوس ڪندي لکي ٿو، "افسوس آهي، جو سنڌي ساهتيه ۾ تنقيدي ادب جي گهڻي قلت آهي." تنقيد ڇا کي چئجي؟ تنهن بابت هن لکيو

ان ڪري ادب جي مبهم ذهن کي سمجهڻ ۾ سولائي پيدا ٿئي ٿي.

ــ تنقيدنگاري تصنيف ۾ اڪل نقطا نروار ۽ نمايان ڪري ٿي. اهڙن نقطن جو مصنف کي به شايد لکڻ وقت خيال نه هجي.

ــ تنقيدنگاريءَ جي ذريعي اها پرک پيدا ٿئي ٿي ته ادب ۾ ڪهڙي شيءِ چڱي ۽ ڪهڙي بڇڙي آهي. جنهنڪري اسان جو گهڻو وقت بچي ٿو ۽ اسان کي دماغي محنت ڪري اهو پاڻ خود کولڻو نٿو پوي.

ــ تنقيدنگاريءَ جي ذريعي مصنف کي پڻ اها مدد پوي ٿي، ته عام جي اکيان ڪيئن ۽ ڪهڙي حيثيت ۾ اچڻ گهرجي. ان ريت ادبي مذاق کي تربيت پڻ ملي ٿي.

ــ تنقيدنگاريءَ جي ذريعي تعصب کان بچاءُ ۽ غلط فهميون دور ٿين ٿيون. ان ڪري چئبو ته اها نه رکو صحيح ڏک سان لائي ٿي، پر ادبي فضا کي خراب ٿيڻ کان پڻ بچائي ٿي.

انهيءَ مان اسان کي اها مدد پوي ٿي ته تنقيد مان نقصان نه بلڪ فائدو ئي آهي. ان مان نقاد جي اهميت جو پڻ اندازو ٿئي ٿو.

شاهوائي اسان کي اهو به ٻڌائي ٿو ته سچو پچو نقاد اهو آهي، جو پنهنجي وسيع معلومات ۽ آزمودي ڪري اسان کي هڪ نئون نقطه نگاهه ڏيکاري ٿو. هو پنهنجي ذهن و ذڪا جي ذريعي اسان کي ڪتاب جي تهه تائين پهچائي ٿو.

اهڙي انڪل سان پيش ڪجي، جو پڙهندڙ انهن وسهن تہ حياتيءَ جي ڪشمڪش جو حقيقي فوٽو پيا ڏسن.

- ڪردارن جي اخلاق، هلت چلت ۽ رسمن رواجن، گفتگو ۽ نشست برخواست جي طريقن بابت خاص خيال رکڻ گهرجي. اهي تمام حقيقتون ڏٺل وائٺل يا ٻڌل پڙهيل هجن، يا تہ انهن بابت ڪتابن جي ذريعي معلومات حاصل ڪيل هجي ۽ ان کي ڪردارنگاري ڪرڻ وقت نهايت چابڪدستيءَ سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي، تہ پلاٽ ۽ ڪردارنگاري ٻنهي جو هڪٻئي سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي، اهي ٻئي گڏجي ناول جو روح پيدا ڪن ٿيون يعني اهي ناول ۾ روح ڦوڪي ٿيون ڇڏين.

گفتگوءَ بابت چاڻايو ويو آهي تہ:

- سٺي پيرائي ۾ درج ٿيل گفتگو ناول جو سينگار آهي. ان جي ذريعي ڪردارن سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق پيدا ڪري سگهجي ٿو. انهن ڪرڻ سان ناول دلڪش ۽ حقيقت نما بڻجيو پوي.

- پوري وقت ۽ موقع آهر سٺي ۽ سلوڻي گفتگو، ناول کي ٻهڪايو وجهي.

- گفتگو اهڙي نہ هئڻ گهرجي، جا پلاٽ (آ ڪاٽي) کي روڪي وجهي او جهڙ ۾ وجهي، بلڪ اها اهڙي هئڻ گهرجي، جو ڪردار جي اندروني ڪيفيتن، جذبن، امنگن، جبلتن، احساسن، جو چٽو نقشو آڻي، پڙهندڙ جي اکيان پيهاري.

۾ خطن ۽ ٻين متفرقه ڪاغذن جي ذريعي، پلاٽ جي رٿابندي ڪجي ٿي ۽ چوٿين ۾ ڀرين ٽنهي طرزن کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

ناول نگار جي نقطهٔ نظر يا نقطهٔ نگاه بابت هن ريت ٻڌايو ويو آهي:

- ناول نگار لاءِ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو علم هئڻ ضروري آهي.

- ناول نگار کي زندگيءَ جو گهڻو تجربو هئڻ گهرجي ۽ جيڪي لکي، سو پنهنجي آزمودي جي بنا تي لکي.

- ناول نگار لاءِ حقيقتن جي ٻوجهه ۽ واقعن جي صحيح پرورش ضروري آهي. جنهن پهلوءَ جو هن گهرو اڀياس نه ڪيو هجي، تنهن جي ويجهو هن کي وڃڻ نه جڳائي.

- هن کي فقط سالم دماغ ۽ صحيح تخيل هئڻ گهرجي، جن جي وسيلي هو دقيق نقطن کي چنڊي ڇاڻي خوبصورت نموني ۾ پيش ڪري.

مطلب ته ناول نگار کي زندگيءَ جو وڏو تجربو، حقيقتن جي ڄاڻ، واقعن جي صحيح پرورش، صحيح تخيل ۽ سالم دماغ هئڻ گهرجي، تڏهن وڃي هو پنهنجو نقطهٔ نگاه سهڻي نموني ۾ پيش ڪري سگهندو يعني هن کي ذات ۽ ڏانو ٻئي هئڻ گهرجن.

## ناول زندگيءَ جو تفسير

هن عنوان هيٺ شاهواڻي لکي ٿو، "ناول اپنار ڪري ٿو حياتيءَ جي يعني مردن، زالن ۽ انهن جي تعلقات جي ۽

جي لاءِ ڪا نہ ڪا دلچسپي پيدا ڪيو وڃي. ناول ناڪام صرف اتي ٿيندو آهي، جتي ان جو مقصد بيجا پروپيگنڊا يا ڏيکاءُ هوندو آهي، ۽ اهو ڏيکاءُ ڪنهن ماڻهوءَ، جماعت يا حڪومت کي آڌارڻ لاءِ هوندو آهي. حالانڪ اصل حقيقت ٻي طرح هوندي آهي.

## عمدي ناول جون خوبيون يا خاصيتون

عمدي يا سٺي ناول جون ڪهڙيون خصوصيتون يا خوبيون هئڻ گهرجن، ان باري ۾ شاهواڻي لکي ٿو تہ:

(١) ناول جو موضوع زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلو سان لاڳاپيل ۽ پرمعنيٰ هئڻ گهرجي. اهڙو نہ هجي، جو صرف گپ شپ ڪري سمجهيو وڃي. اهو بني نوع انسان لاءِ دلچسپ هجڻ سبب عمومي (Universal) حيثيت وارو هجي. ان جو انسان جي امنگن، جذبن ۽ جبلتن سان گهرو تعلق هئڻ گهرجي.

(٢) ناول ۾ اهي سوال ۽ مسئلا هجن، جيڪي هر وقت، هر هنڌ ۽ هرهڪ انسان لاءِ ڪارائتا ۽ ضروري هجن ۽ حياتيءَ کي پرنمڪ، دلچسپ، جاذب ۽ اهم بڻائين.

(٣) ناول اهڙو هئڻ گهرجي جو ان جي پڙهڻ سان روزاني ڪاروبار جي پريشاني ۽ دنيوي ڏنڌن جي ڪٺنائين جو ڪجهہ بوجو هلڪو ٿئي.

(٤) ناول ۾ آيل ڳالهيون عام طرح سان دلچسپ ۽ مفيد هجن ۽ حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڪامياب ٿيڻ وٺڻ لاءِ هرهڪ ماڻهوءَ جي يڪسان رهبري ڪن.

(٥) ناول جي آڪاڻي (پلاٽ) سهڻي ۽ فني نموني ۽ دلڪش طرز سان ادا ڪيل هجي، جيڪا موضوع جي هر پهلوءَ تي ڪافي روشني وجهي سگهي.

(٦) ناول کي حقيقتن تي مبني هئڻ گهرجي. ڪوڙ ۽ دوکي ان ۾ ڪا اهميت نه ڏيڻ گهرجي.

(٧) دقيق نقطا چندي چاڻي خوبصورت نموني ۾ پيش ڪيل هجن.

(٨) ناول ۾ جيڪي رسمون ۽ رواج، خصلتون ۽ خاصيتون، ڄاڻ ۽ معلومات وغيره ڪردارن جي ذريعي ڏنل هجي، تنهن ۾ صداقت هئڻ گهرجي، يا جيڪي صلاحون ڏنل هجن، سي سڀ لاءِ يڪسان مفيد هئڻ گهرجن.

(٩) ناول جو جيڪو مکيه موضوع هجي سو پوريءَ طرح اپاريل ۽ سموري ناول تي ڇانيل هئڻ گهرجي.

(١٠) ناول، فني چابڪدستيءَ سان پيش ٿيل هجي.

## ناٽڪ، ناٽڪي فن ۽ ناٽڪ نويسي

ناٽڪ بابت شاعراڻي چاڻائي ٿو ته ناول جا جيڪي ڇهه اهم جزا آهن، سي ساڳيا ناٽڪ جا به اهم جزا آهن، تنهنڪري جيڪي اصول پلاٽ (آکاڻي)، اداڪارن (ڪردارن)، گفتگو جي ڍنگ ۽ مصنف جي نقطهء نگاه بابت ناول جي باري ۾ چاڻايا ويا آهن، سي ساڳيا ناٽڪ سان به لاڳو ٿين ٿا. البت ٻنهي جي پيشڪش ۾ فرق آهي، جنهن جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي.

(١) ناول پڙهڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو، پر ناٽڪ اسٽيج تي ڪري ڏيکارڻ لاءِ.

(٢) ناول ۾ مصنف آ ڳالھيون بيان ڪري ٿو، پر ناٽڪ ۾ اداڪارن (ڪردارن) جي نقل و حرڪت ۽ گفتگو مان آ ڳالھيون ٻڌجي ٿيون.

(٣) ناول سمجھڻ ۾ اکيون ۽ دماغ ڪم ڪن ٿا، پر ناٽڪ سمجھڻ لاءِ اکيون، ڪن ۽ دماغ يعني ان ۾ هڪڙو وڌيڪ حواس ڪم اچي ٿو، جنھنڪري هر هڪ حالت سمجھڻ ۾ ڪافي فرق پوي ٿو.

(٤) ناول کي پڙهي مڪمل طور سمجھي سگھجي ٿو. پر ناٽڪ پڙهبو ته آ ڳالھيون جو فقط خاڪو اسان جي دماغ تائين پھچي سگھندو. مصنف جيڪو لباس آ ڳالھين جي نيام پريءَ کي پھرايو هوندو يا جيڪو لطف اداڪارن جي اشارن، عملن ۽ نقل و حرڪت ۾ مضمر هوندو، تنھن مان حظ حاصل ڪري ڪونه سگھبو.

(٥) ناول اڪو ڊڪو پڙهي ۽ سمجھي سگھي ٿو، پر ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ سمجھڻ ذهين ماڻھوءَ جو ڪم آهي.

(٦) ناول ڪيترين نشستن يا ڪيتري ئي وقت ۾ پڙهي سگھجي ٿو، پر ناٽڪ، متواتر ذهن لاءِ رٿيو وڃي ٿو.

(٧) ناول کي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جو وڌيڪ ۽ وقفي ئي وقفي وقت ملي سگھي ٿو، پر ناٽڪ نويس کي ٿورو عرصو ملي ٿو. جنھن ۾ هن کي پنھنجو هنر واضح نموني ۾ ڏيکارڻو آهي.

(٨) ناول جي ڪردارن جي شخصيت ظاهر ڪرڻ يا اڀارڻ لاءِ ڪنھن ڪفايت جي ضرورت ڪانهي، پر ناٽڪ جي

يا نزاع هلي هلي نيٺ وڃي اهڙي ڪڙيءَ تي پهچندو آهي جتي هڪڙي ڌر ٻئي ڌر تـي فوقيت حاصل ڪندي آهي. انهيءَ منزل کي ترڪڻ بازي چيو وڃي ٿو. هن منزل تـي اداڪار يا ڌرين مان هڪ، اهڙو فيصلو ڪن قدم کڻندو آهي جو نتيجو اڳ ئي پڌرو معلوم ٿيندو آهي. ترڪڻ بازي اهڙي نموني ۾ تيار ڪجي جو اداڪار ترڪي به ۽ ساڳئي وقت محسوس ڪجي تہ اڳين منزل ۾ سندس کنيل قدم انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. اهڙي نازڪ ۽ ترڪڻ بازيءَ واري گهڙي گذرڻ بعد لاهيءَ واري منزل شروع ٿئي ٿي، جنهن ۾ نتيجي ڏانهن اشارا زياده نمايان ٿين ٿا. جيڪڏهن نتيجو ڪردار جي ڪاميابي هوندو تہ هن منزل تـي اداڪارن جي وچ ۾ جيڪي مونجهارا ۽ غلط فهميون، رنڊڪون ۽ رڪاوٽون هونديون سي دور ٿينديون وينديون، پر جي نتيجو شڪست يا موت هوندو تہ اهو ڪردار ويندو مصيبتن ۾ وڌيڪ مبتلا ٿيندو. آخري منزل ۾ نزاع جو نتيجو ڏيکاريو ويندو آهي.

عام طور تي ناٽڪ ٻن نمونن ـ طنزيہ (١) (Comedy) ۽ الميہ (Tragedy) جا ٿين ٿا. طنزيہ ناٽڪ جـو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ناٽڪ جي سورمي کي جيڪي رستي ۾ رڪاوٽون اچن تن کي مغلوب ڪري وڃي پار پوي ۽ منزل مقصود کي پهچي. الميہ ناٽڪ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ سورمي تي سندس انتهائي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود آخر ۾ ايڏو مصيبتن جو پهاڙ ڪري پوي جو هو يا صاف شڪست کائي يا موت جو شڪار ٿئي.

---

(١) (Comedy) لاءِ عام طور تي "طربيہ" جو اصطلاح ڪم ايندو آهـي ۽ نڪي ڪـي "طنزيہ". هتي "طنزيہ" جـو اصطلاح مناسب ڪو نہ ٿو لڳي.

ناٽڪ نويس پنهنجي ناٽڪ جي اداڪارن جي ذريعي، پنهنجي موضوع ڪي ماڻهن جي آڏو اسٽيج تي پيش ڪري اهو ڪجهه ٻڌائي ۽ ڏيکاري ٿو، جيڪي ان موضوع بابت هن جي من ۾ هوندو آهي. هو ان بابت پنهنجن تجربن کي پيش ڪري، پنهنجي رايي جو اظهار ڪندو آهي. ناٽڪ نويس کي هڪ فنڪار جي حيثيت ۾ انهن شين جو تجربو ۽ پوري پوري واقفيت هئڻ گهرجي، جيڪي هو ٻين جي آڏو پيش ڪرڻ گهري ٿو. اها واقفيت يا ته ذاتي طور تي حاصل ڪيل هوندي اٿس يا ڪتابن جي اڀياس سان پرايل هوندي اٿس، پر ٻنهي صورتن ۾ پيشڪش هن جي پنهنجي هوندي آهي.

اهو ناٽڪ نويس ڪامياب ليکجڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو ناٽڪ ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪندو آهي، ۽ دلچسپي پيدا ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي، جنهن ۾ اداڪارن (ڪردارن) جي خصوصيات ۽ انهن جي شخصيات جي تاثرات تي زياده زور ڏنل هوندو آهي. ناٽڪ جي گفتگو اهڙي پراثر هئڻ گهرجي، جو هرهڪ لفظ مايهدار ۽ معنيٰ خيز هجي. واهيات گفتگو ۽ اجائي بڪ ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن ڪي گفتگو موقع ۽ حالتن مارو ڏيڻ گهرجي، جيڪا ڪردارن سان ٺهڪي ٺهڪي اچي. اها مختصر ۽ موثر ڪري ڏني ۽ نه اهڙي جو ورجائي وڃجي.

هتي اهو به ڄاڻائڻ ضروري آهي، ته هن ڪتاب ۾ هيتريون ساريون خوبيون هئڻ سان گڏ ڪٿي ڪٿي اصطلاح ۽ محاوره غلط طور تي استعمال ڪيا ويا آهن، ۽ ڪٿي ته مورکوئي تلفظ جون غلطيون آهن.

| غلط استعمال | صحيح صورت |
| --- | --- |
| معائينو | معاينو يا معائنو |
| الفاظن | الفاظ يا لفظن |
| حسن بياني | حسنِ بيان |
| سحر کي | سحر |
| مبالغ | مبالغو |
| فارغ البلال | فارغ البال |

چند جملا پڻ پيش ڪجن ٿا، جن ۾ غلطيون آهن:

١- انهيءَ ڪري شاعر کي تلاميذالرحمان (خدا جو شاگرد) ڪري سڏيندا آهن. هتي تلاميذ نه پر تلميذ استعمال ڪرڻ گهرجي. تلاميذ، تلميذ جو جمع آهي.

٢- شاعريءَ جي توصيف ڪرڻ سولي ڳالهه نه آهي. هتي توصيف نه بلڪ وصف لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي.

٣- ميان آخوند لطف الله جو افسانو ”گل خندان“ جن پڙهيو هوندو. هتي افسانو نه بلڪ داستان لکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو اهو داستان جي زمره ۾ اچي ٿو، نه ڪي ڪي افساني جي.

٤- هڪ جو دماغ هلي ٿو ته ٻئي جي دل جو درياهه جوش ڪري متلاتم ٿئي ٿو. هتي دماغ هلي ٿو نه بلڪ دماغ ڪم ڪري ٿو لکڻ گهرجي، جيئن محاوره جو استعمال صحيح ٿئي.

٥- پر ان ۾ اهو نظريو اڙو ته عام ۽ معمولي آهي، جو ان تي ڪير اڪ به نٿو ڪٿي سگهي. هتي لکڻ هيئن گهربو هو ته ان ذاتهن ڪنهن جو ڌيان به نٿو ڇڪبي يا وڃي سگهي.

مغربي تنقيد جي اصولن کي سنڌي ادب تي منطق ڪيو آهي ۽ ڪهڙو ڪري سنڌي ادب جي مثالن سان ان تي تشريح ڪئي اٿس. الهيءَ ڪتاب ۾ ادب ۽ اصناف ادب جي مطالعي ڪرڻ جا اصول ۽ انهن جي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو صحيح طريقو ٻڌايو ويو آهي. خصوصاً شاعريءَ جو مطالعو نهايت دلچسپ ۽ ڪارآمد باب آهي. ناول ۽ ڊراما جي عناصرن جو تجزيو به مختصر الفاظ ۾، ڪهڙي حسن ۽ خوبيءَ سان ڪيو ويو آهي. البت تنقيد جي فن متعلق تمام ٿورو لکيو ويو آهي، جنهن مان ان تي ڪا به خاص روشني پئجي نه سگهي آهي ۽ اهو باب اجا تشنهء تڪميل آهي."

هدايت پريم

# قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ

سنڌ جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ڌرتيءَ تي صدين کان وٺي ڪيتريون قومون آيون ۽ هت اچي سنڌ ۾ وسي ويون. انهن مان ڪيترين قومن سنڌ تي حڪومت هلائي ڌاريا سنڌ جا حاڪم ٿيا. سنڌ جي رهواسين جو اهڙي طرح سان، آرين، ايرانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن سان تعلق قائم ٿيو، جن کي پنهنجي علحده تهذيب ۽ تمدن هو. طويل عرصي کان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي انهن جا اثر اڄ موجود آهن. ٻاهران آيل قومن پاڻ سان پنهنجي ٻولي بہ آندي. اهڙي طرح سان سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ، ڪيترين ئي مختلف ٻولين سان ٿيو. ٻولين جي ميلاپ جو هڪ خاص سبب دنيا ۾ ۾ مذهبن جو ڦهلاءُ بہ رهيو آهي. قديم زماني ۾ آريہ لوڪن پاڻ سان سنسڪرت آندي. زردشت مذهب ڪري "اوستا" زبان ايران ۾اثرانداز ٿي. لاطيني زبان جي واڌ ۽ ويجهہ بہ عيسائي مذهب جي ڦهلاءُ سان ڳنڍوڳنڍ ٿي. عربي ٻولي بہ اسلام جي حوالي سان مسلم دنيا ۾ متعارف ٿي. سنسڪرت جو اثر ٿائلينڊ، انڊونيشا، چائنا ۽ جپان تائين، ٻڌ ڌرم جي ڪري ٿيو (۱).

ٻولين جي ميلاپ سببان هڪ ٻولي، ٻي ٻوليءَ کان ڀرپائين تہ ڪي ”لفظ“ اڌارا وٺندي آهي، جيڪي گهڻو ڪري ”اسمن“ تي مشتمل هوندا آهن. ٻن ٻولين جو هڪٻئي سان تمام گهڻو ۽ گهرو ميلاپ، جيڪو اگر پنهنجي انتها تي پهچي وڃي تہ اهڙي ميلاپ جي نتيجي ۾ اهو مخصوص سماج (Bilingual Comunity) ٻہ لساني فرقو بنجي وڃي ٿو، جتي ٻنهي ٻولين نہ صرف ڪيترائي ساڳيا ئي لفظ استعمال ڪن ٿيون، پر گهڻائي صوتي ۽ صوتياتي ۽ نحوي قاعدا قانون بہ ساڳيا استعمال ڪرڻ لڳن ٿيون (٢).

ٻولين جي ميلاپ جا اثرات ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي تي بہ پون ٿا. نوان نوان صوتياتي روپ وٺن ٿا ۽ ٻوليءَ جي صوتي جي سرشتي ۾ داخل ٿين ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو مثال /ف ز خ ۽ غ/ جا صوتيا آهن، جيڪي عربي ٻوليءَ سان ميلاپ جي نتيجي ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي ۾ شامل ٿيا آهن. هي آواز، عربن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪونہ هئا (٣).

ٻين ٻولين کان اڌارا ورتل لفظ مادري زبان جي مزاج موجب تبديل ٿيندا آهن. مثال طور: [پ، ت، ڪ] آواز انگريزي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڏگهن سرن کان اڳ ۾ ايندا آهن، تہ وسرگ بڻجي ويندا آهن يعني تہ [ڦ، ٿ، ک]، اهو ئي سبب آهي تہ انگريز/آمريڪي ماڻهو ”پاڪستان“ جو اُچار ”ڦاڪستان“ ڪندا آهن. يا جيئن [ٻ، ڄ ۽ ڳ] آواز عربيءَ ۾ نہ آهن تہ انهن جي جاءِ تي [ب، ج ۽ غ] جا آواز ڪم آڻيندا آهن.

خوبچنداڻيءَ لکيو آهي.

ٻن ٻولين جي ميلاپ سببان انفرادي طور هڪ شخص جي ٻن لساني تهذيبن جو فرد ٻڻجي وڃي ٿو. جنهن ۾ هڪ سندس مادري زبان واري تهذيب هوندي آهي. اهڙو ميلاپ لسانيات ۾ اهميت رکي ٿو (٤).

سنڌي ٻوليءَ جي طويل تاريخ ۾ جن ٻولين پنهنجا اثرات ڇڏيا آهن، تن جو سن وار تفصيل ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن طرح ڏنو آهي (٥).

| | |
|---|---|
| آڳاٽي ايراني ٻولي جو اثر | ٢٥٠ - ٥١٥ ق.م فتح دارا<br>٥ صدي ق.م<br>٤ صدي ق.م |
| يوناني ٻوليءَ جو اثر | ٣٢٥-٣٢٦ ق.م فتح سڪندر<br>٣ صدي ق.م<br>٢ صدي ق.م<br>١٩٥ - ١٥٠ ق.م بلخ جي يونانين جي فتح |
| ترڪي ۽ داردي ٻولين جو اثر | ١٥٠ - ١٢٠ ق.م ساڪا ۽ مئين جون ڪاهون<br>١ صدي ق.م |
| پالي پراڪرت جو اثر | ٤٠ - ٥٠ عيسوي ڪوشان شاهه ڪنشڪ |
| ترڪي ۽ داردي جو اثر | ١٠٢/١٦٠ - ٢٠٠ع پارٿين جون ڪاهون<br>٢ صدي عيسوي |

| | |
|---|---|
| پوئين ايراني ٻوليءَ جو اثر | ساماني تسلط<br>٣ صدي عيسوي<br>٤ صدي عيسوي هياطله<br>٤٢٠ - ٤٨٠ عيسوي سفيد هڻن |
| ترڪي ۽ ايراني جو اثر | ٥ صدي عيسوي<br>٥٣١ عيسوي خسرو نوشيروان |
| ملڪي ٻوليون | ٦ صدي عيسوي راءِ گهراڻو<br>٧ صدي عيسوي برهمڻ گهراڻو |

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ جيالاجيڪل خاڪو سنڌ جي عالم، ڏاهي ۽ محقق، ايم-ايچ پنهور به تيار ڪيو آهي، سو هن ريت آهي (٦).

پروٽو هند - يورپي

|

پروٽو هند - ايراني

|

پروٽو هندي

|

دراوڙي ١٠٠٠ ق.م کان اڳ

|

پروٽو سنڌي

|

رگويد ۽ سنسڪرت ١٠٠٠ کان ٦٠٠ ق.م

|

پوئين سنسڪرت ٦٠٠ کان ٥٠٠ ق.م

|

آرميائي ۽ پهلوي ٥٠٠ کان ٣٠٠ ق.م

|

پالي ٣٢٥-١٨٧ ق٠م

پالي ۽ يوناني ١٧٨ کان ٢٨٣ع

پهلوي ٢٨٣-٣٥٦ع

اوائلي سنڌي

سنسڪرت ٣٥٦-٧١١ع

عربي ۽ سنسڪرت ٧١١ع-١٠١١ع

وچين سنڌي ١٠١١ع-١٣١٥ع

فارسي ١٣١٥ع-١٦٠٠ع

ڪلاسيڪل سنڌي

فارسي ١٦٠٠ع-١٧٤٣ع

اٺهين صدي جي سنڌي

انگريزي ۽ فارسي ١٨٤٣-١٩٤٧

جديد سنڌي

مٿين ٻنهي خاڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ، دراوڙي ٻولين، سنسڪرت، اوستا (پراڻي فارسي) پالي، يوناني، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين مان ٿيو آهي.

محمد حسين پنهور جي خيال ۾ اخماني دور ۾ اوستا، جيڪا حڪمرانن جي پنهنجي ٻولي هئي، توڙي آرميائي جيڪا سندن سرڪاري زبان هئي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين مقامين ٻولين تي تمام تورڙو اثر ڇڏيو آهي (٨).

دارا جي زماني ۾ اخمانين سنڌ ۽ پنجاب ۾ پنهنجي آئيوڻا چالو ڪئي، جنهن جو نالو ڪروشٽي هو. هيءَ آئيوڻا ڪئين ورهيه ساندهه هتي هلي ۽ هندستان سان عيسوي ٽين صدي ڌاري غائب ٿي وئي (٩). ننڍي کنڊ ۾ ڪروشٽي جو فروغ اخماني فتوحات سبب ٿيو آهي. ڪروشٽي توڙي برهمي لپي، ٻئي آرميائي ۽ فونيشي لپين منجهان نڪتل آهن. برهمي لپي فونيشيا سان قديم واپاري ناتن سبب رائج ٿي، جنهن ۾ اعرابون بعد ۾ ڏنيون ويون آهن (١٠).

ڪروشٽي لپي اوپر ۾ پنجاب ۽ ماڻڪالا کان مترا تائين ۽ پٽنا مان پڻ ڪروشٽي لپيءَ جا دستاويز مليا آهن. اولهه ۾ قنڌار ۽ سيستان تائين هن لپي وارا سڪا مليا آهن. اتر ۾ سوات ۽ لداخ جي علائقي سان ڪروشٽي رڪارڊ هٿ آيو آهي. ڏکڻ سان ڪڇ، ٺڪرا موهن جي دڙي مان پڻ مليا آهن. بهرحال اصلي ايراضي جتي ڪروشٽيءَ جو واهپو هو، سو گنڌارا وارو علائقو آهي ۽ خاص طور ٽيڪسلا ان جو مرڪز هو (١١). ڪروشٽي لپي جيئن ته ساڄي کان کاٻي لکي وئي آهي، تنهنڪري اهو سمجهڻ نهايت ئي آسان ٿي پيو آهي ته هن لپيءَ جو تعلق آرميائي سان آهي، جيڪا اترين سامي لپيءَ جي مکيه شاخ آهي (١٢).

ڪروشٽي لپيءَ ۾ جيڪا ٻولي لکي ويندي هئي، سا اخمانين جي زبان اوستا هئي. ڪروشٽي لپي وارا سڪا سنڌ جي قديم آثارن مان گهڻي تعداد ۾ لڌا ويا آهن (١٣).

سن ٥١٩ ق.م کان ٣٢٥ ق.م تائين سنڌ اخماني سلطنت جو صوبو رهي. قديم ايراني حڪمرانن جي زبان پهلوي جا سڌا سنوان اثرات ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ تي يقيني طور پيا آهن. حالانڪ ڪروشٽي لپي وارا ڪتبا سنڌ مان ڪونه لڌا ويا آهن، پر سنڌ جي ويجهي ۾ ويجهي علائقي سٽي وهار مان ۽ شهباز ڳڙهي مانسهره مان لڌا آهن. پر سڪن جو سنڌ مان لڀجڻ، جن تي اخماني دؤر جي تحرير موجود آهي، ان مان پڪ ڄاڻجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ تي اوائلي دؤرن کان وٺي ايراني اثرات ٿيندا رهيا آهن.

اخماني دؤر ۾ سنڌين جا لاڳاپا ايرانين سان ڪافي گهرا نظر اچن ٿا. سنڌين يونانين جي خلاف اخمانين جي حمايت ۾ يورپ جي سرزمين تي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. سنڌي پنڪا ٻڌي تيرڪمانن سان، هاٿين تي سوار ٿي يونانين سان وڙهيا. سن ٤٨٨-٤٨٦ ق.م ۾ زيراڪس جي اڳوائيءَ ۾ سنڌين به پنهنجا جوهر ڏيکاريا (١٤).

هن دؤر جو هڪ اهم ڪتبو ايران جي بغستان شهر مان مليو آهي، جنهن جي رسم الخط ميخي Cuniform آهي. ان ۾ ٿي سٽون اڙيون آهن، جيڪي معمولي فرق سان اڄوڪي فارسي، پشتو ۽ سنڌيءَ جهڙيون آهن. سٽون هن طرح آهن:

هئن، جيڪو هنن بعد ۾ اختيار ڪيو هو، تنهنڪري سندن مذهبي ٻولي پالي هئي. اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري محمد حسين پنهور صاحب ١٨٥ ق.م کان ٢٨٣ع تائين پالي ۽ يوناني گڏيل اثرات وارو عرصو ڪري ڄاڻايو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۽ يوناني ٻوليءَ جي ڪن لفظن ۾ هڪجهڙائيءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا (١٦):

| يوناني | | سنڌي |
|---|---|---|
| Cheia=hole | چيئه | چير (سوراخ) |
| Chora=a place | چور | چوڙ (جڳهه، شهر) |
| Melas=black | ميلاس | ميرو (گندو) |
| Oon=egg | اون | آنو (بيدو) |
| Pyr=fire | پير | ٻرڻ (ٻرڻ) |
| Kanne=grass | ڪاني | ڪانو (ڪڙب جو ڏڪرو) |
| Nanos=dwarf | ننوس | ننڍو (وڏي جو ضد) |
| Deiknynan=to show | ديڪنين | ڏيکارڻ نمائش ڪرڻ |
| Sitos=food | ستوس | ستون (ڪڻڪ مان ٺهيل کاڌو) |
| | ڪانون | قانون |
| | ڦانوس | فانوس |
| | ڪفس | ڪفن |
| | دئوس | ديوس |
| Drakme | دراڪمي | دام |
| Syrinx | سرينڪس | سرنگهه |

(٥) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ
نيون ڇاپو، ١٩٩١ع، ص ٢٣.

(6) M. H. Panhwar, Ibid p. 23.

(٧) محمد حسين پنهور، مقالو سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه جي
تحقيق ۽ اشاعت، ٽه ماهي مهراڻ ٢-١٩٨٤ع، ص ١٧٧.

(8) M. H. Panhwar, Cultural Heritage of Sindh, p. 19

(٩) پوپٽي هيرانندائي، ڀاشا شاستر، ص ٢٣٣.

(10) M. H. Panhwar, Chronological Dictionary of Sindh p. 47.

(11) Dani, A. H. Indian Palaeography, p. 252.

(12) Dani, Ibid p. 255.

(١٣) پوپٽي هيرانندائي، ڀاشا شاستر، ص ٢٣٣.

(14) M. H. Panhwar, Chronological Dictionary of Sindh, p. 73.

(١٥) سراج، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص ٨١.

(١٦) ليلو رچندائي، سنڌوءَ جي جهلڪ ١٩٦٣ع، ٧٨-٧٩.

(17) M. H. Panhwar, Cultural Heritage of Sindh, p. 20.

(١٨) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ،
نيون ڇاپو ١٩٩٠ع، ص ٢٢.

(١٩) نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي، پروفيسر، تمهيد ص ١ ۽ ٢.

(٢٠) پوپٽي هيرانندائي، ڀاشا شاستر، ص ٢٠.

ڊاڪٽر قمرجهان مرزا

# پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مرزا

## سنڌي ادب جو استاد ۽ محقق

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو استاد، اديب ۽ محقق، ڊاڪٽر حبيب الله رحيم بخش مرزا ٢- فيبروري ١٩٢٤ع تي حيدرآباد شهر ۾ پيدا ٿيو.

### سلسلہ آباءَ اجداد:

سندس خاندان جو پهريون بزرگ، جيڪو سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي زماني ۾ آيو هو، آن جو نالو باوا عزيز خان شڪوه ڪابولي هو (١). نسب جي لحاظ کان باوا عزيز خان جو تعلق منگولن مان هو. هن جي قبيلي کي ”چڪدا مغل“ سڏيو ويندو هو.

ڊاڪٽر حبيب الله مرزا باوا عزيز خان ڪابوليءَ جي ڇهين پيڙهي آهي. باوا عزيز خان پنهنجي دور جو وڏو امير ڪبير شخص هو، عن لاءِ هڪ ٻي روايت آهي ته هو هندستان مان آيو هو. پر ڊاڪٽر حبيب الله پنهنجي والد صاحب کان ٻڌل ڳالهه تي وڌيڪ يقين رکي ٿو. سندس راءِ مطابق ته باوا عزيز خان جو اصل وطن ڪابل هو، ٿي سگهي ٿو ته هو ڪجهه لاءِ هندستان ويو هجي (٢).

---

(١) راوي - غلام عباس مرزا، ساڪن ڪراچي.

(٢) راوي - ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ساڪن حيدرآباد.

## ڊاڪٽر حبيب الله جو ننڍپڻ ۽ جواني:

مرزا صاحب انهن مائهن مان آهي، جيڪي ننڍپڻ کان ئي سونو چمچو وات ۾ کڻي پيدا ٿيندا آهن. جيئن ته مرزا صاحب جو والد بزرگوار مرزا رحيم بخش هڪ ڪامياب تاجر هو. هن مرزا حبيب الله کي ڏاڍي ناز سان پاليو ۽ سندس هر خواهش جو خيال ڪندو هو. ستن ورهين جي عمر ۾ حبيب الله مرزا قرآن مجيد پڙهي پورو ڪيو ۽ انهيءَ عمر کان نماز پابندي سان پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ اڃا تائين پڙهندو رهي ٿو.

**تعليم:**

مرزا صاحب جو گهرو ماحول علم وارو هو. تنهنڪري مرزا صاحب جو علم سان چاهه هجڻ فطري هو، تمام ننڍيءَ عمر ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم سندس گهر جي ويجهو پرائمري اسڪول "نولراءِ هيرانند اڪيڊمي" برانچ ٣- مان حاصل ڪيائين. مڊل تائين تعليم "فورٿ" مڊل اسڪول مان ڪيائين. ميٽرڪ نيشنل هاءِ اسڪول سوسائٽي مان پاس ڪيائين، فرسٽ ۽ سيڪنڊ ايئر، ديوان ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج ڪاري موريءَ مان ڪيائين. بي اي ١٩٥٠ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ايم اي سنڌيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. پي ايچ ڊي ۽ ايل ايل بي ۽ بي ٽي جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيائين.

مرزا صاحب جو ننڍپڻ اهڙي دؤر مان گذريو، جنهن ۾ سنڌ تي انگريزن جي حڪومت هئي، هندن کي تمام گهڻي اهميت حاصل هئي، واپار ۽ تعليم تي هندن جو ضابطو هو، مسلمانن وٽ تعليم نه هئڻ جي برابر هئي. تاهم شهر جي مسلمانن کي تعليمي سهولتون حاصل هيون. مرزا صاحب کي پڻ

تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سهولتون ميسر هيون، ۽ هو باآسانـي تعليمي ڏاڪا چڙهندو ويو. هو ننڍپڻ کان ئي مضبوط، صحتمند ۽ طاقتور هو، ان ڪري راندين ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هو، خاص ڪري ڪرڪيٽ ڏاڍي شوق سان کيڏندو هو.

## سندس شخصيت:

مرزا صاحب قد جـو قداور، ڪڻڪائون رنگ ۽ سنهي جسم جو مالڪ آهي. جوانيءَ ۾ ڪجهه ڀريل جسم جو هو، پر هاڻ ته پيري ۽ ضعيفي جي دؤر ۾ آهي. جڏهن ته جوانيءَ ۾ ڪافي پرڪشش شخصيت جـو مالڪ هـو. طبيعت ۾ سائيٺو، ڪم گو ۽ صابر انسان آهـي، خوش پـوش رهندو آيـو آهي. گهڻو ڪري انگريـزي لباس پهريندو رهيو آهـي. جوانيءَ ۾ شيرواني به پائيندو هو. هينئر ڪافي ضعيف آهي، تڏهن به محفلن ۾ ٽائي، ڪوٽ ۽ پتلون پائيندو آهي.

مرزا صاحب ١٩٤٤ع ۾ ڪورٽ آف وارڊس ۾ نوڪري ڪئي، اها نوڪري مرزا صاحب ٿورو وقت ڪئي. تنهن کانپوءِ ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد ٿيو. آتي غـلام حسين جعفريءَ سـان ملاقات ٿيس. ان جـي شخصيت کـان تمام گهڻو متاثر رهيو. ١-١-١٩٦٢ع تي مرزا صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. آتـي تـرقي ڪندي سنڌي شعبي جـو چيئرمين بڻيو ۽ آخر ١-١٢-١٩٨٢ع تي رٽائر ڪيائين. انهيءَ دوران مرزا صاحب ادب پڙهايو ۽ ادب تي لـکيو. پنهنجي نوڪريءَ دوران جـن شخصيتن کـان متاثر ٿيو. انهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جـو وائيس چانسيلر مرحوم حسن علي عبدالرحمان، سنڌي شعبي جو استاد محترم علي نواز جتوئي شامل آهـن. جونئرس ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ کي گهڻو پسند ڪندو هو.

مرزا صاحب کي شاعرن سان گھڻي عقيدتمندي آهي، خاص ڪري سنڌ جي صوفي بزرگن تي ويندو رهندو آهي. جهڙوڪ: شاهه لطيف، شاهه ڪريم ٻلڙي وارو، شاهه عنايت شهيد وغيره.

مرزا صاحب فارسي زبان پڻ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. انهيءَ ڪري فارسي شاعرن کي پڙهندو رهندو آهي. رومي، جامي حافظ ۽ غزالي سندس پسنديده شاعر آهن.

قليچ، حامد، واصف ۽ گدا جي ڪلام کي تمام گهڻو پسند ڪري ٿو. خاص طور تي ڪلاسيڪي شاعري ۽ غزل جي صنف کيس تمام گهڻو پسند آهن. جديد شاعريءَ ۾ ڪشنچند عزيز جو مداح پڻ آهي.

انگريزن جو دؤر، انگريز قوم ۽ انگريز شاعر مرزا صاحب کي بيحد پسند رهيا آهن. تنهنڪري ڪالن ٿي مرزا صاحب انگريزي شاعرن ۽ ليکڪن کي پڙهندو رهيو آهي. انگريزي ادب تہ سندس روح ۽ روان آهي، انهيءَ دلچسپيءَ سبب ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا اٿس. شاعرن ۾ ملٽن، ورڊس ورٿ ۽ شيڪسپيئر پسند اٿس.

## ادبي خدمتون:

ڊاڪٽر حبيب الله مرزا هڪ بهترين استاد ۽ بهترين اديب ٿي رهيو آهي. هو ادب پرور ۽ ادب نواز آهي. هر اديب جي گهڻي عزت ڪندو آهي. ادب سان چاهه هئڻ ڪري پاڻ شعبو ئي ادب جو اختيار ڪيائين. بحيثيت استاد شاگردن کي هميشه پنهنجي اولاد وانگر سمجهائين.

مرزا صاحب ادب پڙهائيندڙ ۽ ادب سيکاريندڙ آهي. سندس متعدد تحقيقي مقالا مختلف مخزنن، رسالن وغيره ۾ ڇپيل

آهن. مهراڻ رسالي ۾ سندس ’بن قسطن‘ تي مشتمل هڪ طويل مقالو ١٩٧٩ع ۾ ڇپيو، جنهنجو عنوان آهي ”حيدرآباد شهر جو اڀيون اوج“ جيئن ته مرزا صاحب اصل حيدرآباد شهر جو عروج اکين سان ڏٺو هو، اهو سمورو احوال مقالي ۾ ڏنو اٿس. ان کانسواءِ ”نئين زندگي“، سنڌي شعبي جون مخزنون ۽ ٻيا انيڪ رسالا آهن، جن ۾ سندس مضمون ۽ مقالا ڇپبا رهيا آهن. سندس ڪجهه مقالن ۽ ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

١– مقالو: ”ڊراما جو اصل وطن“ هي مقالو نهايت عمده دلچسپ ۽ تحقيقي آهي. مرزا صاحب لکي ٿو ته: ”اڄ کان ٻه هزار ورهيه اڳي برِاعظم پاڪ و هند ۾ هڪ شهره آفاق ڊرامانويس پيدا ٿيو هو. جنهن هن فن کي اهڙي اوج تي پهچايو هو جو يونان ته ڪُجا، يورپ جي ڪنهن به خطي ۾ هي صنف اهڙي منزل تي نه رسي هئي. اها عظيم شخصيت آڄين جو مشهور ڊراما نويس مها ڪوي ڪاليداس آهي، جو وڪرماجيت جي دربار جو هڪ رتن هو (١). مرزا صاحب تحقيق ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته ڊراما جي ابتدا سنڌ کان ٿي آهي ۽ اها صنف اصل سنڌ جي آهي ۽ دنيا ۾ پوءِ پکڙي آهي.

مرزا صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: قديم سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي لاءِ راڳ رنگ (نرتڪ) ۽ مدِيرا جو ديوتا شنڪر مهاديو يعني شيوَ مهاراج هوندو هو، جنهن جو اثر اڄ ڏينهن تائين ڏسي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته جڏهن به موالي ماڻهو مستيءَ

(١) حبيب الله مرزا، پروفيسر، ”ڊراما جو اصلي وطن“، مقالو، مخزن پورب، جولاءِ ١٩٦٩ع، ص ٦٦.

هن ٽيسز ۾ مرزا صاحب جي عنوان، بلڪل الڳ قسم جا ڏنا آهن. بلڪ مقالي کان هٽيل عنوان آهن، مثال طور سوانح عمريءَ واري باب ۾ مرزا لکي ٿو ته:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ سوانح نگاري جو ادب تمام ٿورو آهي، ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ هن صنف تي ڪم ٿيو ئي نه آهي. ان جو سبب ڇا به هجي، پر اها حقيقت آهي ته جيئن سنڌي ادبين ۾ نثر نويسي جي ميدان ۾ قلم کنيو هو، تيئن انهن گهڻي ڀاڱي قصا، افسانا ۽ ناول لکيا. ادب جي هن صنف کي شروع کان ئي نظرانداز ڪيو ويو هو(١).

مرزا صاحب هن مقالي ۾ ٤٨ صفحن تي سوانح عمريءَ بابت لکيو آهي، منهنجي خيال ۾ ته اهو عنوان پڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ مقالو آهي. ان کان علاوه مرزا صاحب، مرزا قليچ بيگ جي ايتري ته تعريف ڪئي آهي، جنهن جو ڪو مثال نه آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته شمس العلماء مرزا قليچ بيگ هڪ اعليٰ پائي جو اديب هو، پر ڊاڪٽر حبيب الله جي هن مقالي مان ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ ته هو مرزا قليچ بيگ جو سچو عاشق هجي. منهنجي خيال ۾ ته جتي محبت غالب ايندي آهي، اتي پورو انصاف ڪري نه سگهبو. بهرحال هي مقالو ڪافي معلوماتي آهي.

## ”مئڪبيٿ“ ڊرامو

مرزا صاحب شيڪسپيئر کان تمام گهڻو متاثر آهي، انهيءَ ڪري سندس ڊرامن مان مئڪبيٿ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو

(١) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، بحيثيت نثر نويس، ٽيسز- اڻ ڇپيل، سنڌ الاجي لائبريري.

ڪيائين. مئڪبيٿ جو ڪردار هڪ ظالم انسان جو هو. هن ظلم، قتل و غارت جي بازار گرم ڪري ڇڏي هئي ۽ آخر هن ظالم مٿان خدا جو عذاب نازل ٿي ٿو ۽ هو ڪيفر ڪردار کي پهچي ٿو. مئڪبيٿ خوني هو. ان جو انجام برو ٿيو (١).

مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ ان جو ترجمو ان لاءِ ڪيو ته جيئن پڙهندڙ ڏسن ته ڪيئن نه ظالم پنهنجي خوفناڪ انجام کي پهچي ٿو. مرزا صاحب نهايت اعليٰ ترجمو ڪيو آهي ۽ اهڙو عمدو جو پڙهندڙ کي لطف اچي ٿو. اصل ڪهاڻيءَ جي روح ۽ صحت جو پڻ مڪمل خيال رکيو اٿس.

## مقالو "حيدرآباد وارو ستين جو آستان"

هي هڪ تحقيقي مقالو آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب هندن جي هڪ رسم "ستي ٿيڻ" جنهن ۾ هندو عورت پنهنجي مڙس جي مرڻ تي ان سان گڏ خود به چکيا تي چڙهي مري ٿي، متعلق لکيو آهي ته اها رسم ڪيتري نه بري آهي. انسان ذات سان اهو ظلم آهي ته جيئري انسان کي مئي سان گڏ ساڙيو وڃي. جيئن ته ڊاڪٽر صاحب حيدرآباد ۾ ستين جي آستان کي ڏٺو هو، ۽ انهيءَ بد رسم کي به ڏٺو هو، تنهنڪري هن اهو چاهيو ته آن آستان متعلق ماڻهن کي آگهي ڏي.

---

(١) شيڪسپيئر: مئڪبيٿ، سنڌيڪار، حبيب الله مرزا، ١٩٦٦ع.

چالاڪيءَ ڏانهن به اشارو ڪيو آهي ته ڪيئن نه هو معصوم، سادن ۽ ابوجهه ماڻهن کي شاباس ڏيئي حمالي ڪرائيندو هو.

ادبي نقطه نظر سان هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪوبه ادبي رنگ نه آهي. مرزا صاحب جيڪي ڏٺو، تنهن کي سادن لفظن ۾ قرطاس تي اوتيو. ٻولي به نهايت ساده لکي اٿس. تاهم به ٻه ٽي نقطا تمام اهم ڏنا اٿس. مثال طور، هڪ مزدور جو استحصال، ٻيو اُن انسان جي بدنصيبي جنهن جو دنيا ۾ ڪير نه هجي، ٽيون ته هر حال ۾ خوش رهڻ ۽ صبر ڪرڻ. هت مرزا صاحب جنهن حمال جو ذڪر ڪيو آهي، سو ڪيئن نه غربت تنهائي ۽ مفلسيءَ جي باوجود خوش رهندو هو. مرزا صاحب لکي ٿو ته اُن ماڻهو جي مرڻ کان پوءِ به سندس ڪوٽ ڪير واري جي دڪان تي ڪلي ۾ ٽنگيو پيو هوندو هو. ڪير واري به ان ڪوٽ کي اتان نه لاٿو هو، جڏهن به ان ڪوٽ تي نظر پوندي هئي ته پيرومل ياد ايندو هو ۽ سندس مٺو آواز ڪنن ۾ گونجڻ لڳندو هو.

## ڪتاب ”سنڌي ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد“

مرزا صاحب جي هي تصنيف نهايت اعليٰ پائي جي ۽ عمده آهي. هن ڪتاب کي هيٺين ٽنهن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي.

پاڱو پهريون:

(١) ڊراما جي تاريخ.
(٢) انگريزي ڊراما جي تاريخ.
(٣) قديم پاڪ و هند کنڊ جا ڊراما ۽ اسٽيج.

(٤) انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ڊراما.

(٥) ڊراما جي ساخت.

ڀاڱو ٻيو:

(١) ڊراما نويسي ۽ ان جي تنقيد.

(٢) ڊراما لکڻ جو رواج ڪيئن پيو.

ڀاڱو ٽيون:

(١) ڊراما نويس ۽ ڊراما متعلق.

(٢) حزنيہ، طربيہ ۽ رزميہ ڪلام.

(٣) ڊراما جا اصول.

(٤) ڪهاڻي.

ڊراما نويسيءَ جو فن ۽ ان جي تنقيد جي قلت جا سبب.

مرزا صاحب جي هيءَ تصنيف نهايت بهترين آهي. هن کي پڙهڻ سان ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ ته ڊرامي جو ارتقائي دؤر اکين آڏو گان وانگي نڙي بيهي ٿو. سچ پچ ته ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب تي تمام گهڻي محنت ڪئي آهي. تمام مختصر لفظن ۾ ڪارائتو مواد ڏنو اٿس. هر دؤر کي سلسليوار اهڙو ته بهتر سمجهايو اٿس، جو وقت به گهٽ لڳي ۽ ڳالهه به جلد سمجهه ۾ اچي. ٻولي نهايت عمده ۽ ادبي استعمال ڪئي اٿس، پر ڪجهه قدر هندي لفظ استعمال ڪرڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ته مرزا صاحب لاشعوري طور تي هندي ٻوليءَ کي پسند ڪري ٿو. بهرحال سندس هيءَ تصنيف قابل قدر آهي.

"پيار جو پيغام" (Message of Love) "مها ڪوي ودياپتي ٺاڪر جي امر زندگيءَ مان هڪ ٻه جهلڪا"، مرزا صاحب سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي.

مها ڪوي ودياپتي ٺاڪر، برصغير هند و پاڪ جي هڪ شاندار شخصيت هو. هو نه فقط بلندپايه شاعر هو، پر هڪ درويش صفت ۽ نيڪ سيرت انسان هو. پنج سؤ سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، تڏهن به هن شخص جي ياد، سندس خطي جي ماڻهن جي دلين تي نقش آهي. واديءَ سنڌ جا ماڻهو جنهن عزت ۽ احترام ۽ عقيدت سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ڏسندا آهن. اهڙي ساڳي عزت ۽ عقيدت سان بنگال ۽ بهار جا ماڻهو ڪوي ودياپتي ٺاڪر کي ڏسندا آهن. هو اصل بهاري هو ۽ بهار صوبي جي مٿلا (مٿيلا) ضلعي جو باشندو هو. هن جيڪي شعر چيا آهن، اهي پنهنجي ضلعي جي ٻوليءَ يعني مٿلا جي محاوري ۾ چيا آهن. سندس شعر ايتريقدر ته دلپذير آهن، جو نه فقط بهار باڪ بنگال جا ماڻهو به کيس پنهنجو ئي شاعر ۽ درويش تسليم ڪندا آهن.

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته: ودياپتي ٺاڪر جي متعلق اسان کي جيڪا به معلومات مليل آهي، اها بنگالي اهلِ قلم حضرات جي معرفت حاصل ٿي آهي، جنهنڪري اڄ هن عظيم شخص کي بنگالي درويش ڪري سمجهندو هئس. منهنجي غلطفهمي تڏهن دور ٿي، جڏهن مون امپيريل گزيٽ آف انڊيا (١٩٠٩ - ١٩٠٧ع) جو مطالعو ڪيو، جتي بالڪل واضع لکيل هو ته:

ودياپتي ٺاڪر بهاري ٻولي مثلاً ميٿلي محاوري جو هڪ چوٿين جو شاعر هو، جو سال ١٤٣٢ع ۾ شعرگوئي ڪندو هو. هو سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جو به ماهر هو. سندس لکيل ڪهاڻين جي ساخت سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين ۾ آهي. مگر سندس گيت خالص مثلاً جي مقامي زباني زبان جا آهن. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ درد آهي. ان سان گڏ ميٺاج به آهي. سندس شعر ۾ ياس ۽ نااميدي جي جهلڪ به ڏسجي ٿي، مگر ان سان گڏ اميد ۽ آشا جا ڪرڻا به شامل آهن. انهن ٿو سمجهڻ ۾ اچي ته ڪيس هن جهان جي عيش ۽ آرام کان وڌ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي تلاش آهي. بلڪ ڪيس دنيوي خوشين سان ڪوبه سرور حاصل نٿو ٿئي (١).

ڪتاب ”آزادي“، جان اسٽوئرٽ جي شهره آفاق تصنيف ”لبرٽي“ جو مرزا صاحب سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هي ڪتاب پنجن بابن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ باب جو عنوان هيٺين ريت آهي:

باب پهريون: تعارف

باب ٻيو: خيال ۾ بحث ڪرڻ جي آزادي.

باب ٽيون: شخصيت جي متعلق، جا فلاح جي اصولن مان هڪ آهي.

باب چوٿون: فرد جي مٿان معاشري جي اختيارات جون حدون

---

(١) حبيب الله مرزا، پروفيسر: ”پيار جو پيغام“، مها ڪوي وديا پتي ٺاڪر جي ”آمر زندگيءَ مان هڪ ٻه جهلڪا“ ١٩٦٩ع، ص ٤. اصل ڪتاب "Message of Love"

باب پنجون: عمل درآمد ڪرڻ بابت.

مرزا صاحب سال ١٩٦٩ع ۾ هن ڪتاب جو نهايت عمده ترجمو ڪيو. هن ترجمي مان مرزا صاحب جي اها مراد هئي، ته سنڌي شاگرد آزادانه سوچ جي معنيٰ سمجهي سگهن ۽ هن ڪتاب جي ذريعي پنهنجي سوچ کي بهتر کان بهتر بڻائين. جيئن ته هن ڪتاب جي عنوانن مان محسوس ٿئي ٿو ته خيالن جي ڏي وٺ ۾ آزادي هئڻ گهرجي. هن ۾ انساني زندگيءَ جا اصول، سوچ ويچار، عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو فلسفو ڏنو ويو آهي. هن کي پڙهڻ سان نئين سوچ کي هٿي ملي ٿي. انسان پنهنجي شخصيت جو جائزو وٺڻ لڳي ٿو. قدرت جي قانون ۽ ڪائنات تي فلسفيانه نظر وجهي ٿو. هن ڪتاب مان هرهڪ پڙهندڙ يا شاگرد فيضياب ٿي سگهي ٿو، بشرطيڪ هو جان اسٽوئرٽ مل جي فلسفي ۽ خيالن کي سمجهي(١).

ڊاڪٽر حبيب الله مرزا هڪ بهترين محقق ۽ ترجمه نگار آهي، هو تخليق ڪار نه آهي. پاڻ ڪنهن به تخليقي صنف جهڙوڪ شاعري، افسانا نگاريءَ تي طبع آزمائي نه ڪيائين. گهڻو ڪري تحقيقي ادب لکيو اٿس. سندس تصنيف: "ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد" جي لکڻ جي انداز مان ائين لڳي ٿو ته سندس دلچسپي ڊراما تاريخ سان آهي.

هو فلسفيانه خيالن جو مالڪ آهي، انهيءَ ڪري انگريزي ڪتاب "آزادي" جو ترجمو به انهيءَ لاءِ ڪيو اٿس ته جيئن

---

(١) جان اسٽوئرٽ: آزادي، سنڌيڪار، ڊاڪٽر حبيب الله مرزا.
(1) Jan Steweri: Liberty, Year 1756.

پڙهائي، زندگيءَ ۽ ڪائنات جي فلسفي کي سمجهن. سندس لکيل ڪجهه مقالا پراڻين يادن کي زنده ڪن ٿا ته ڪجهه مقالا انسان جي اصلاح لاءِ لکيل آهن. مرزا صاحب ماضي ۽ حال، ٻنهي کي گڏوگڏ وٺي هلندو رهيو آهي، هو قدامت کي به پسند ڪري ٿو ته جدت پسند پڻ آهي. انهيءَ جو سبب هي آهي ته مرزا صاحب خود به ٻن دورن جي پيداوار آهي. هن پراڻي دور کي ويندي ڏٺو ته نئين دور کي ايندي ڏٺو. ٻنهي دورن جو اثر سندس لکڻين مان ظاهر ٿئي ٿو.

# پي - ايچ - ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست

## پي - ايچ - ڊي

١- ليکڪ: غلام علي الانا
رهبر : مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي
عنوان: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"
سال : ١٩٧١

٢- ليکڪ: عبدالجبار جوڻيجو
رهبر : مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"
سال : ١٩٧٤

٣- ليکڪ: عبدالڪريم سنديلو
رهبر : مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي
عنوان: "لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو"
سال : ١٩٧٤

٤- ليکڪ: محمد صالح شاهه
رهبر : مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي
عنوان: "رشيدالدين شاهه جو ڪلام"
سال : ١٩٧٤

٥- ليکڪ: عبدالمجيد ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي
عنوان: "بيان العارفين جي تدوين"
سال : ١٩٧٤

٦- ليکڪ: الهداد ٻوهيو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"
سال : ١٩٧٧

٧- ليکڪ: عبدالرحمان قريشي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سروري خاندان جون علمي، ادبي ۽ ديني خدمتون"
سال : ١٩٧٧

٨- ليکڪ: عطا محمد حامي
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "خيرپور ميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو"
سال : ١٩٧٧

٩- ليکڪ: غلام حسين پناڻ
رهبر : اي-ايچ جتوئي
عنوان: "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ"
سال : ١٩٧٧

١٠- ليکڪ: سيد محمود شاهه
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "مولانا تاج محمد امروٽيءَ جون ادبي خدمتون"
سال : ١٩٧٨

١١- ليکڪ: عبدالخالق سومرو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : "علي نواز علوي ۽ سندس شاعري"
سال : ١٩٧٨

١٢- ليکڪ : عزيزالله ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "خيرپور جي ادبي تاريخ"
سال : ١٩٧٨

١٣- ليکڪ : محمد جمن ٽالپر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"
سال : ١٩٧٨

١٤- ليکڪ : مرزا حبيب الله
رهبر : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
عنوان : "مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس"
سال : ١٩٧٨

١٥- ليکڪ : درمحمد پٺاڻ
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "ڪراچي ضلع جو سنڌي علم ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٧٩

١٦- ليکڪ : سيد ممتاز حسين شاهه
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "سنڌ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٧٩

١٧- ليکڪ : شمس الدين عرساڻي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : "آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"
سال : ١٩٨٠

١٨- ليکڪ : غلام حيدر پرڙو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت"
سال : ١٩٨٠

١٩- ليکڪ : اياز حسين قادري
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي غزل جي ارتقا"
سال : ١٩٨٢

٢٠- ليکڪ : عبدالجبار مغل
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٨٢

٢١- ليکڪ : شمس محسن عباسي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سندس علمي ۽ سياسي خدمتون"
سال : ١٩٨٣

٢٢- ليکڪ : قمرجهان مرزا
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو"
سال : ١٩٨٣

٢٣- ليکڪ : عزيزالرحمان ٻگهيو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”سنڌي صحافت جي تاريخ“
سال : ١٩٨٣

٢٤- ليکڪ : غلام رسول بلوچ
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : ”سنڌي ڊراما جي هڪ صدي“
سال : ١٩٨٤

٢٥- ليکڪ : عبدالغفور ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”اڻويهين صديءَ جا نثر نويس“
سال : ١٩٨٤

٢٦- ليکڪ : حامد علي خاناڻي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”ساهتيءَ جا علمي مرڪز“
سال : ١٩٨٦

٢٧- ليکڪ : شاهنواز سوڍر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف“
سال : ١٩٨٨

٢٨- ليکڪ : غلام نبي سڏايو
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ
۾ علامت نگاري“

سال : ١٩٨٩

٢٩- ليکڪ : حسن بانو سومرو

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو“

سال : ١٩٨٩

٣٠- ليکڪ : خادم حسين قريشي

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو“

سال : ١٩٨٩

٣١- ليکڪ : غلام قادر سومرو

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح“

سال : ١٩٨٩

٣٢- ليکڪ : بشير احمد شاد

رهبر : ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

عنوان : ”مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو“

سال : ١٩٩٠

٣٣- ليکڪ : عبدالجبار عابد لغاري

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”تاجپور جي نواب لغاري خاندان جون علمي ادبي خدمتون“

سال : ١٩٩٠ع

٣٤- ليکڪ: داد محمد بروهي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو"
سال : ١٩٩١ع

٣٥- ليکڪ: شڪنتلا سيواڻي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "شاهه جي رسالي ۾ جماليات جو تحقيقي جائزو"
سال : ١٩٩٣ع

## ايم. فل

١- ليکڪ: ميمڻ عبدالغفور
رهبر : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
عنوان: "نواز علي نياز جي شاعري"
سال : ١٩٧٥ع

٢- ليکڪ: محمد اشرف منصور
عنوان: "غزل گو شعراء ڪرام ضلع دادو"
سال : ١٩٧٩ع

٣- ليکڪ: محمد پناهه ڦرڙو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر"
سال : ١٩٨٦ع

٤- ليکڪ: ثريا سوز ڏيپلائي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول نگاري"
سال : ١٩٨٨ع

٥- ليکڪ: فيروزه سمون
رهبر : ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
عنوان: "سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب"
سال : ١٩٨٩ع

# سنڌي شعبي جو حال احوال

- سنڌي شعبي جي سابق پروفيسر ۽ چيئرمن جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر جو عهدو جولاءِ ۱۹۹۳ع کان سنڀاليو آهي.
- پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي.
- سنڌي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب کي آگسٽ ۱۹۹۳ع کان ڊين فيڪلٽي آف آرٽس مقرر ڪيو ويو آهي.
- پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم حسين مئي ۱۹۹۳ع کان سنڌي شعبي جي چيئرمن جي چارج سنڀالي آهي.
- آگسٽ ۱۹۹۲ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو ڪانووڪيشن ٿيو، جنهن ۾ سنڌي شعبي جي استاد محترمه نور افروز خواجه چانسيلرس گولڊ ميڊل ۽ وائيس چانسيلرس سلور ميڊل جو اعزاز حاصل ڪيو.
- سنڌي شعبي جي شاگردن جو وفد شعبي جي استاد جناب هدايت آخوند جي سربراهيءَ ۾ جولاءِ ۱۹۹۳ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪري آيو. شاگردن پشاور، اسلام آباد، ڪوهه مري ۽ سوات جي تعليمي، تاريخي ۽ ثقافتي جاين کي ڪهي ڏٺو.
- سنڌي شعبي جي ساليانې پڪنڪ ۱۹۹۲ع عمرڪوٽ جي ڪونرڙي جانهري ۾ ڪئي وئي. هڪ وڏي پٽ تي چڙهي

شاگردن ۽ استادن، ٺٽ ۾ تازي وسيل برسات بعد ڇوڏاري ڇانيل ساوڪ جو نظارو ڪيو ۽ پنھنجا نيڻ ٺاريا.

- سنڌي شعبي جي ساليانيءَ ھڪڙي ١٩٩٣ع ڀنڀور ۾ ڪٽي وئي. ڀنڀور جي قديم آثارن ۾ ڀنڀور ۽ ديبل جي تاريخي اھميت ڪي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر قاضي خادم اجاگر ڪيو. شاگردن ميوزم به گھمي ڏٺو. موٽڻ مھل مڪليءَ تي پير حسام الدين راشديءَ جي مزار تي گل چاڙھي ۽ قل پڙھيا. شيخ عبدالمجيد سنڌي، مخدوم محمد ھاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي مزارن تي پڻ حاضري ڀري. ھڪڙ جي آخري اسم طور ڪينجھر جو سير موٽڻ لانچن تي ڪيو. ڪينجھر ڪنڌيءَ تي سج لھڻ جو نظارو پڻ ڪيو.

# گروپ فوٽو ۱۹۹۳



ويٺل، (ساڄي کان) سحر امداد، هدايت پريم، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊين فيڪلٽي آف آرٽس، ڊاڪٽر غلام علي الانا وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي، ڊاڪٽر قاضي خادم چيئرمن سنڌي شعبو، ڊاڪٽر قمر جهان مرزا، نور افروز خواجه.

بيٺل: سنڌي شعبي جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون.